# رُوح جُون رُولاڪِيون

صالح عباسي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

2018ع



رُوح جُون رُولاڪِيون



# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”روح جون رولاڪيون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **صالح عباسي** جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي.

صالح عباسي غزل جو خوبصورت شاعر آهي. سندس ڪتاب ”روح جون رولاڪيون“ ۾ شامل غزل، وايون، نظم ۽ گيت سندس احساساتي ڪيفيتن جو اهڙو نچوڙ آهن، جنهن ۾ سندس اظهار جو انداز پڻ سادو سلوڻو ۽ منفرد آهي، اهوئي سبب آهي جو سندس ڪوتائن ۾ پيار جي پهرين چميءَ وانگر روحاني رولاڪين جو ذڪر بجانب نظر اچي ٿو.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





**ڪتاب نمبر 39**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | رُوح جُون رولاڪِيون |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | صالح عباسي |
| ڇاپو پهريون: | جنوري 2017ع |
| ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: | شاهزيب ميمڻ |
| ٽائيٽل: | رضوان گل |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**ملهه: 200 روپيا**

***ROOH JON ROLAKIYON***
***(Poetry)***
***By: Saleh Abbasi***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد.. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٽر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

# ارپنا

 

پنهنجي پوڳنائن، رولاڪين جي هن ادبي، تخليقي پهرين شاعري جي ڪتاب ”روح جون رولاڪيون“ کي نالي ڪيان ٿو پنهنجي عاشقانه ۽ فقيراڻي طبيعت رکندڙ پنهنجي بابا سائين غلام سرور عباسي جنهن جي پالنا ۽ دوستيءَ جي ماحول مون باغي کي عاشق بڻايو ۽ پيو سندس وڏي ڀاءُ سگهڙن جي سرتاج پنهنجي بابا وڏي فقير محمد ملوڪ عباسي جي جنهن مون سرڪشي رکندڙ ڇوڪري کي فقير منش بڻايو ۽ سنڌي ادب ۾ روشناس ڪرايو.

**صالح عباسي**
**لاڙڪاڻو**





# فهرست


1. اداري پاران 05
2. ليکڪ پاران 06
3. مهاڳ 13
4. هير ۾ هڳاءُ 26
5. حرف حرف هڳاءُ 28
6. پاپ ننگر ۾ صالح هڪ ويڳاڻو ماڻهو 29
7. رولاڪي ڪنهن جي روح جي! 33
8. دل وچان چند لفظن جي ڀيٽا 36
9. شاعري جو ماهتابُ، خوبصورت انتخاب 37
10. سمبارا جو شاعر 38
11. غزل نه گم ٿيڻ جهڙا 39
12. هو جيڪو مسلسل تحرڪ ۾ رهي ٿو 41
13. مبارڪون 42
14. **غـــزل 44**
15. **وايـــون 116**
16. **نـظـم 128**
17. **گـيـت 138**

# پبلشر نوٽ

سنڌي شاعريءَ جي جهولي اڻ ملهه موتين سان مالامال آهي ۽ هر موتيءَ جي چمڪ پنهنجي اندر هڪ الڳ مقناطيسي ڪشش رکي ٿي. ”موتين مٺ ملڪ جي“ جي خالق ۽ مشهور سگهڙ سائين ملوڪ عباسي جي ڇانو ۾ رهندي صالح عباسيءَ جي ”روح جون رولاڪيون“ ۾ شامل گوهر موتي پڻ اهڙي ڪشش جا حامل آهن، جنهن تي پاڻمرادو پيار اچڻ فطري هجي ٿو.صالح عباسيءَ پنهنجي چاچي سگهڙ ملوڪ عباسيءَ جو شاعريءَ جو سڌو سنئون اثر قبولڻ بدران پنهنجو هڪ الڳ رستو ۽ اسلوب جوڙيو آهي ۽ ان ۾ هو ڪامياب پڻ ٿيو آهي، جنهن لاءِ هو يقينن داد جو مستحق آهي.

صالح عباسيءَ جي هن پهرين شعري مجموعي ”روح جون رولاڪيون“ ۾ شامل غزل، وايون، نظم ۽ گيت سندس احساساتي ڪيفيتين جو اهڙو نچوڙ آهن، جنهن ۾ سندس اظهار جو انداز پڻ سادو، سلوڻو ۽ منفرد آهي، اهوئي سبب آهي جو سندس ڪوتائن ۾ پيار جي پهرين چميءَ وانگر روحاني رولاڪين جو ذڪر بجانب نظر اچي ٿو. اڪين ۾ انيڪ سپانا سجائي صالح پنهنجي ذات ۽ ڏانو آڌار پنهنجي ڪيفيتن کي جيئن محسوس ڪيو آهي تيئن ئي پنن تي پٿارڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي، ان ۾ هو ڪيترو ڪامياب ويو آهي، ان کي سهي پرکڻ مطالعاتي اک جو ڪمال آهي، صالح پنهنجي سادگيءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجي ڪوتائن کي الجهيل لفظن کان آجو ڪري تشبيهن ۽ استعارن جو سهڻو سنگم جوڙيو آهي، جنهن کي پڙهندڙ ضرور پليڪار جي لفظن سان نوازيندا.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**





# ليکڪ پاران

اسڪول جي رڪارڊ موجب 77-7-20 تي دنيا جي عظيم تهذيب مهين جي دڙي جي ڪُک ۾ پنهنجي پڙڏاڏي جي نالي سان قائم ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙو ۾ سگهڙن جي سرتاج لوڪ ادب جي حافظ محافظ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ننڍي ڀاءُ غلام سرور عباسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتم پر منهنجي امڙ جيجل بادشاهہ زادي جي چوڻ موجب منهنجو جنم تہ سياري ۾ 12. ربيع الاول تي ٿيو هيو. ڇٽيءَ تي منهنجو نالو ڳوٺ جي پڳدار منهنجي ڏاڏي سائين محمد صالح عباسي جي نالي پويان محمد صالح رکيو ويو، ان ڏينهن تي ئي منهنجي طهر سنت بہ ڪرائي وئي هئي. سگهڙن جي هڪ نهايت شاندار ڪچهريءَ جو بندوبست ڪيو ويو هيو، ان وقت جي تمام وڏن عالم دين مولوي دوست محمد “بلبل سنڌ”.۽ مولوي سائين خدا بخش بروهي ۽ ٻين واعظ ڪيو هيو، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ شهرت رکندڙ تمام وڏن مولودائن ليمون فقير ۽ جانڻ فقير جي جوڙيءَ مولود شريف پڻ ڳايا هئا.

اهڙي طرح منهنجي ڪنن ۾ پهرين ڏينهن عذان ۾ الله اڪبر، الله اڪبر، اشهد ان محمد رسول الله جي لفظن ڪانپوءِ بس سنڌي لوڪ ادب جي سنوار ۽ سڌار جا لفظ پئي پڌا، مون کي ياد ٿو اچي تہ مون پهريون شعر 83-1982. ڌاري منهنجي رهبر استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ميزباني هيٺ منهنجي ئي ڳوٺ ۾ ٿيندڙ “ڪل سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ۾ پڙهيو. ان وقت مان تمام گهڻو ننڍڙو هيس، منهنجي استاد سدورو خان عباسي مون کي ٻانهن تي کڻي مائيڪ تائين پهچايو، ۽ مون پنهنجي استاد بابا جا شعر پڙهيا، جنهن کان متاثر ٿي ڏيهہ جي ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب تقرير ۾ فرمايو تہ مهين جي دڙي جي ڪُک ۾ استاد محمد ملوڪ عباسي

سگهڙن جي سردار جيڪو مچ مچايو آ پڪ ٿي وئي اٿم تہ لوڪ ادب سگهڙن جو فن و فڪر مضبوط هٿن تائين پهچي چڪو آ. جو پنجن سالن جي معصوم ٻار محمد صالح عباسي کان وٺي 100. سالن جي جُهور ڪراڙن تائين لوڪ ادب جون لاتيون ٻڌايون ويون آهن، اهو سڀ محمد ملوڪ عباسي جي محنت، جاڳ ۽ اٽانگن پنڌن جو نتيجو آهي. ان ڪانفرنس ۾ نامور سگهڙ لقمان ڪوڪر، عزيز چانڊيو، مٺل جهتيال، ڏاڏو ڏتل ابڙو، ممتاز عباسي، مير شبير عباسي ۽ ٻيا پڻ موجود هيا.

اهڙي طرح شايد ساڳي سال ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ پرائمري مسجد اسڪول کليو، جتي منهنجي ڀڦاٽ سدورو خان عباسي استاد مقرر ٿيو، پر منهنجو سائين سدورو خان ڇا تہ شخص هو، سائين جي ايم سيد جي لفظن جيئان هزار بار گلاب جي پاڻيءَ سان وضو ڪري سندس نالو ڪڻان تہ سندس نالي ڪڻڻ جو حق ادا ڪري ڪونہ سگهندم، اڄ تائين طعہ ڪري نہ سگهيو آهيان تہ سائين سدورو منهنجو وڏو ڀاءُ هيو، دوست هيو يا استاد هيو.

هن سڀ حق ايمانداريءَ سان نڀايا، ٻاتي ٻولي ا.ب.ٻ جي اکرن کان اڄ جي ڪتاب تائين سڀ مهربانيون سندس آهن، ياد ٿو اچي ٻئي يا ٽئين درجي ۾ پهتس تہ هڪ پني جون تقريرون لکي پڪيون ڪرائيندو هو، اوطاق، مسجد توڙي اسڪول جتي بہ ٽن ماڻهن کان وڌيڪ جو جٿو ڏسندو هو تہ چوندو هو بابا صالح تقرير ڪر، پوءِ مان تقرير ڪري گهر وڃين امان جيجل کي دانهون ڏيندو هيس تہ امان سائين سدورو جاتي ماڻهو ڏسي ٿو اتي چوي ٿو تقرير ڪر پوءِ امان سائين سدوري کي چوندي هئي ادا سدورا محمد صالح تنهنجون دانهون ٿو ڏئي تہ سائين مون کي ماڻهن جي اڳيان تقريرون ٿو ڪرائي، پوءِ سائين سدورو چوندو هيس، مامي منهنجي هن تقريرن ڪرائڻ جو قل اڳتي هلي ملندس تہ پوءِ ياد ڪندو.

ها I Love u ۽ I Miss u منهنجا سائين اڄ تنهنجي ڪرايل تقريرن جو ثمر ملي ٿو تہ تون ڏاڍو ياد ٿو اچين. ڪاش! هي لکڻ ويلي منهنجي سڏڪن جو آواز تنهنجي آزاد روح جي ٻڌڻ واري





سگهہ تائين پهچي. ياد اٿم منهنجي سياسي، سماجي ادبي پالنا تو کهڙي پريت سان نڀاهي هئي.

پنهنجي ڳوٺ کان ڪراچي، ڪشمور، ڪارونجهر کان ڪيٽي بندر لاڙڪاڻو کان لاهور تائين جون سماجي رولاڪيون وڏا وڏا بحث، مباحثا، تقريرون ۽ تحريرون، حسين يادون سڀ تو سان تنهنجي ڪري ئي تہ نصيب ۾ آيو.

خير خوبصورت يادن جا ڪيئي ڪتاب ٺهي ٿا سگهن سي ضرور ڪنهن ويلي ڪنهن ڪتاب ۾ شيئر ڪبا.

پرائمري کانپوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ پنهنجي شهر باڍهہ ۾ آيس، باڍهہ منهنجي خوبصورت يادن جو شهر، منهنجي بابا جو شهر، منهنجي دوستن جو شهر منهنجي ڊرامن جو شهر منهنجي پڪي پختي ٿيڻ جو شهر، منهنجي استادن جو شهر منهنجي عاشقي معشوقيءَ جو شهر، منهنجي سگهڙن جو شهر، منهنجي پاڪ پوتر سپنن، جذبن جو شهر، باڍهہ جي مانائتي مٽيءَ تي منهنجا هزارين جنم قربان، هتي جي درسگاهن ۾ سائين امام بخش ڪنڀر، سائين رسول بخش ڍڪڻ، سائين قربان ساريو، سائين سُکُ ديو، سائين انور ڪوڪر جهڙن مهربان ۽ فرض شناس استادن وٽ تعليم پرائڻ جو موقعو مليو، ڀلا نياز حسين عباسي جاويد سولنگي، ڀيو شبير انصاري، فدا حسين دکڻ، مير حسن گاڏهي، ايوب ملاٽو، رفيع رضا شاهاڻي، مظهر ڪنڀر، جيڪي منهنجا محبوب ڪلاسي هئا، انهن جي پيار کي ڪيئن ٿو وساري سگهان، فرسٽ ايئر ۾ انٽر حيدر بخش جتوئي ڪاليج ڏوڪري ۾ پڙهيم جتي ان وقت ساڳين بينچن تي هاڻوڪو پوتار ڀي ٽي آءِ جو ڊويزنل صدر حاجي شفقت حسين انڙ بہ پڙهندو هيو، جيڪو ان وقت سپاف شهيد ڀٽو جو چيف آرگنائيزر هيو ۽ مان ستاف ڏوڪري ڪاليج جو چيف آرگنائيزر هيس.

ياد اچي ٿو تہ منهنجو ننڍو ڀاءُ نازڪ علي عباسي ان وقت بيمار ٿي پيو، جنهن کي جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو هيوسين، ان وقت سنڌ جو قومي رهبر سائين جي ايم سيد بہ اسپتال جناح ۾ داخل هيو، جڏهن "آءِ سي يو". ۾ سنڌ جي هن پيغمبر صفت

انسان کي ڏنو ته ان وقت سيد کي شايد مشينن ذريعي ساهه کڻايو پيو وڃي، سيد کي ڏسندي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ مان سڄو ڏکڻ لڳس، ڇا ته شخص هيو، کيس ڏسندي ئي شيخ اياز چواڻي:

"توکي ڏسندي ٿيو ويساهه، سنڌ جيئندي سدا"

اسپتال مان نڪري بس ۾ چڙهي صدر جي علائقي مان نڪرندڙ شايد "پڪار". اخبار هئي، جي دفتر ۾ آيس جتي منهنجو دوست هاٽوڪو پ پ اڳواڻ فدا حسين ڏيڪڻ شايد اسسٽنٽ ايڊيٽر هيو، ان سان ملي ڪري اخبار ۾ خبر هلايم ته مون سٽاف جي عهدي ۽ ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏيئي تاحيات سائين جي ايم سيد جي نظرئي جي پوئلڳي ڪندس. جنهن سان ناتو ساهه جي تند ٽٽڻ تائين شل قائم رهندو اچي. ڪيترن ئي پارٽين جي مرڪزي عهدن ۽ نوڪرين جي آڇ ٿي، پر ڪنهن پئي در واجهائڻ کي به ڪفر سمجهوسين، ان دوران هڪ پيو عشق اسٽيج ڊرامن جو به لڳو، حسن مستانه، لالا عبدالحسين ساريو، امداد عباسي، جاويد شيخ، حيدر قادري ۽ ٻيا رفيق ويجها دوست رهيا، انهن ئي رولاڪين ۾ حاجي سراج ساريو، قلندر ساريو، غني ساريو، رحمت الله لاشاري، گل حسن سومرو، صحافي ياسين مشوري، وڪيل امداد مشوري ۽ وڪيل علي بخش مشوري فني سفر ۾ گڏ رهيا، جيترو پاڻ وٽ علم هيو انهن ۾ ورهايوسين، انهن دوستن مان ڪيترائي اڄ به احترامن استاد چئي ملندا آهن، ڪيترا ته منهنجا به استاد نڪتا، ڪچهري ڪندي پيو مولا کان پناهه گهرندو آهيان ته مالڪ سائين عزت جي رکجائين ته ڪٿي منهنجا ڪلهوڪا ٻالڪا اڄ جي جديد دور جا استاد ۽ سياڻا ڪجهه ڳالهائي نه وڃن، ڇو ته ٻار جي جيڪا پالنا ٿئي ٿي، اها ئي کين پنهنجن وڏن ابي امڙ ۽ استادن جي عزت ڪرڻ نه ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي. خير هي دور به ڪجهه عجيب گذريو، سائين زبير جکرو، سائين غلام قادر ساريو، انعام پيرزادو، شمس پنهور، علي گوهر ابڙو، حسين شاهه، منظور سوهو، اسلام جوڻيجو، محمد علي خشڪ، محبوب ڏهوٽ، جڙيل شاهه، ڊاڪٽر واحد سولنگي، ابراهيم انصاري، عزيز مسڻ، ستار مغيري، غلام علي چنا، شبير خشڪ،







صوبدار ڪوسو سان ٿيل رولاڪيون به روح جي راحت ۾ آٿت هيون، منهنجا ڀائر نازڪ علي، حبيب الرحمان، اويس علي، علي دوست ۽ لڪمير خان ته ڄڻ منهنجا عاشق ۽ محبوب آهن. اسان ڀائر گهٽ دوست وڌيڪ لڳندا آهيون. 1991ع ۾ ٻالڪپڻ ۾ ان وقت شايد عمر 14 سالن جي لڳ ڀڳ هئي ته منهنجي شادي استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ننڍي نياڻيءَ سان ٿي وئي، الله سائين جي مهرباني سان 7 ٻارڙن شاهه عنايت، مهراڻ خان، سالار خان، حبيب الرحمان، سنڌو، ڌرتي ۽ آزادي اولاد آهن، جيڪي الله ڪندو سرها رهندا.

1997ع ۾ رهبر استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي سفارش تي ايم پي اي حاجي الطاف حسين انڙ صاحب جي ڪوٽا تي سپاهي ڀرتي ٿيس، جنهن سبب ڳوٺ کان لاڙڪاڻي شفٽ ٿيڻو پيو. نادر انڙ، ديدار ڪوسو، نظير ڪوري، اقبال ڪلهوڙو، ڀائو صدر الدين بجاراڻي، اياز ميمڻ به ساڳي سال جي ڀرتي ۾ ٽريننگ گڏ ڪرڻ دوران دوست بڻيا. پي ٽي ايس ۾ ڊرامه ڊپارٽمينٽ ۾ هجڻ ڪري مون کي تمام ڀلو ڪوآپريٽو ماحول مليو، علي روشن شيخ، مرحوم علي حسن پيتي، ارشاد پنهور جهڙا لائق استاد دوست بڻيا، پي ٽي ايس ۾ مون تي ڪا به سختي نه هئي، البته "لا". جا ڪلاس ضرور اٽينڊ ڪندو هيس. ٽريننگ دوران 2 جون 1997ع، 7 صفر تي منهنجي رهبر استاد محمد ملوڪ عباسي جناح اسپتال ڪراچي ۾ دم ڌرتي حوالي ڪيو، استاد جي وڇوڙي ڇيلهه ڇپي ڪري وڌي، ائين لڳو ڄڻ مهين جي دڙي جي اسٽوپا جهري پئي، ڄڻ سنڌو درياءَ وهڻ بند ڪري ڇڏيو، خوشيون موڪلائي ويون، چئوطرف رڻ ئي رڻ، ڄڻ ڪارا ڪڪر آسمان تي احتجاج ڪري رهيا هجن. هڪ شخص ڇا ويو ڄڻ سنسار ختم ٿي ويو، ڪائنات جون روشنيون اسان لاءِ ڌنڌليون ٿي ويون، لوڪ ادب تاراج ٿي ويو، اوطاقون ويران ٿي ويون، دوستين دم ڏئي ڇڏيو، اسان جي لاءِ هڪ دور جي پڄاڻي ٿي وئي، هڪ نه وسرندڙ باب ختم ٿي ويو.

2002ع ۾ پي ٽي وي تي هڪ بد ڪردار پروڊيوسر نعيم بلوچ لاڙڪاڻي جي ماڻهن کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ لاڙڪاڻي واسين

ڪي گگرو چيائين. منهنجي گرم ۽ غيرتمند رت پلا ايڏي وڏي گار ڪيئن برداشت ڪري لاڙڪاڻي واسين لاءِ.... ڳلي ڪان ونئي ٻه ٽي چماٽون وهائي ڪڍيون مانس، جنهن سبب سرڪاري نوڪريءَ مان ٻنان ڪنهن شوڪاز نوٽيس يا اردلي روم جي ڊسمس فرام سروس ڪيو ويم، هڪ نه ڪٽندڙ ڏکن جي پهاڙ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

عام سياسي وڏيري ڪان ايم ڪيو ايم جي 90 تائين، ڊپارٽمينٽ جي ننڍڙي ڪان وڏي پوليس آفيسر تائين ويم، پر مايوسي ڪان سواءِ ڪجهه پلئه ڪونه پيم، 2003ع جي پهرين جنوري تي سائين سدورو خان عباسي اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو، مٿان وري منهنجو محبوب چاچو محمد خان ۽ بعد ۾ نوجوان ڀاءُ حبيب الرحمان الله سائين ڪي پيارو ٿي ويو. جڻ قيامت برپا ٿي وئي، حوصلو همت جواب ڏئي ٿا ويهن. پنهنجن جو وڇوڙو چا ٿيندو آ، ڪاش! ڪنهن جا ڪونڌر پائر نه وڃڙن، همتون جواب ڏئي ٿيون ويهن، هماليه جبل ڪان اڏول انسان پڇي پورا ٿي ٿو پوي. مٿان وري ڊرامه فيلڊ جي استاد امداد عباسيءَ جو وڇوڙو به خواب ڪسي ٿو وٺي. 7 سالن جي بيروزگاري، رولاڪيون ۽ هي هيڏا حادثه جڻ ته منهنجي زندگيءَ جا استاد بڻيا. لڪي نه سگهندم مليل درد ۽ گهاون جي ڪهاڻي 2009ع جي ڊسمبر ۾ ڪامريڊ محبوب عباسي ڪراچي واري ۽ ڊاڪٽر شفقت عباسيءَ جي مهرباني سان نوڪري بحال ٿي جن ڪي وري ڪامريڊ پنهل قريشي، فتاح جانوري ۽ نعيم پناڻ جي سفارش ٿيل هئي. 2012ع ۾ منهنجي بابا سائين غلام سرور خان عباسي جي رضا الاهي سان ڊيٿ ٿي وئي، بابا جي وڇوڙي سان خبر پئي ته يتيمي چا ٿيندي آ. يتيم ٿيڻ سان انسان اڌورو ٿي وڃي ٿو. جڻ ته منهنجو بخت ئي ٿٽي پيو، دعا جو هڪ در مون تي بند ٿي ويو. ڪجهه به نه ڪرڻ باوجود ٽارچر سيلن، ٿاڻن ۽ جيلن جون سختيون سهڻيون پيون. پنهنجن هوندي جڻ پرائو ٿي ويس، ڏک، درد ۽ مايوسيون پلئه پيون، دردن، ڏکن، سورن، صدمن ڪي پنن تي اتاري "روح جون رولاڪيون" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ آڻڻ چاهيم ته دوست ديوار بڻجي پيا. نالا ڪونه ڳڻبا. سڪندر شيخ، بدر انصاري، منير





مصور، فياض سومرو جو ٿورائتو آهيان، عارف مظهر جيڪڏهن ساٿ نه ڏئي ها ته هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين نه پهچي ها. سندس قرب، وڏاوڙ وشال ۽ شيخ فرازيءَ جا ٿورائتو آهيان، ڏيهه جي ڏاهي سائين سرمد چانڊيو جو جنهن "روح جون رولاڪيون" جو مهاڳ لکيو.

**صالح عباسي**
**مرڪزي جنرل سيڪريٽري**
**سنڌ سگهڙ سنگت ڀلائي تنظيم**
03337541526
03443886035

**مهاڳ**

## پنهنجو سچو جنم، سَروَم دُکَم دُکَم!

انسان جي سڄي حياتي دک آهي، علم، ادب، غم، خوشي، راڳ، رقص، رهڻ، سهڻ، روئڻ، کلڻ، سڀ ڪجهه دک جي پيداوار آهن، ”صالح عباسي“، به ان ڏک جو شاعر آهي. علم جو شاعر آهي، حسن جو شاعر آهي، سماج جو شاعر آهي، وقت جو شاعر آهي، مدرڪ شهر، موهن جي دڙي جو شاعر آهي، مدرا رقص ۽ ناچ جو شاعر آهي، جيڪو ناچ سمبارا ناچڻي مڌم سُرن جي چؤتار واري ستار تي نچندي هئي، صالح عباسي ان خطي جي خاڪ جو سانورو سلوڻو تلسيءَ جي گل جو نيم البدل شاعر آهي، ”سانول“ جو سهج پريو سُخن ڇا چئي ڇا چوان؟ منهنجو هي سانول سائين غزل، نظم، وائي ۽ گيت جو نشاگر يا سٽپيرو شاعر آهي، مون کي صالح جي مُک جي سنجيدگي ٻڌائيندي آهي ته هن جي من ساگر ۾ جيڪا موج مچڻ گهرجي اها سَروَم دُکَم دُکَم جي ساحل سان ٽڪرائي ماٺي ٿي ويندي ويندي آهي، هي شخص ديبل جي قلعي جهڙو اڏول انسان آهي، جنهن کي محبت جي مجنيڪن سان پرزا پرز ڪري فتح ڪيو ويو آهي.

صالح عباسي جي ان هار ۾ به جيت جو جلوو آهي، محبت جي ماني مرڪ آهي، جيڪا هن جي سنجيدا سپاءَ ۾ سمايل آهي، غزل جو خوبصورت شاعر آهي، سنڌي ٻوليءَ جي غزل جو تاجي پيتو جدارو آهي، جيڪو فارسي ۽ اردو غزل کان منفرد آهي، ڏسو هي غزل:

بحر متقارب اثلم مثمن/اثلم، اثرم مثمن
وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن
منظر سهڻا سارا مرڪيا،
اولهه، اوڀر وارا مرڪيا.





رات سڪي جئن مون سان مُرڪي،
چنڊ ڪتي ۽ تارا مرڪيا!
رم جهم رم جهم موسم مهڪي،
بارش پئي نيسارا مرڪيا!

”سن“ جي ويجهو جيئن پڳاسين،
ڌرتي تنهنجا نعرا مرڪيا!

ڪتاب ”روح جون رولاڪيون“

هن وزن وارا غزل جڏهن منهنجي نظر مان گذرندا آهن ته شيخ اياز جا ڪلهي پاتم ڪينرو وارا غزل اکين اڳيان تري ايندا آهن، هونئن غزل جي رچنا ۾ تخيل جي پرواز جو ذڪر اُتم آهي، پر پنهنجي مٽيءَ ۾ چوپائي پد جو جيڪو ردم پريل آهي، اهو ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪري ايندو آهي، پوءِ اسان جو غزل منظر ئي منظر بڻجي ويندو آهي، اها اسان جي غزل جي انفرادي حيثيت آهي، جنهن ۾ مٽيءَ جو مهڪاءُ ڳوهي ڳوهي، ڳُتي ڳُتي پريل نظر ايندو آهي، اهو اسان جي ضمير ۽ خمير جو رچاءُ آهي، هن غزل جا نيٺ سنڌي قافيا ۽ رديف ٻڌائن ٿا ته اسان جي غزل جي سر زمين جداري آهي، مون کي پنهنجي سانوري سرجڻهار تي فخر آهي، جنهن فن سان جبر ناهي اختيار ڪيو علم عروض کي غزل کان جدا نه ٿو ڪري سگهجي.

غزل
بحر متقارب مثمن سالم،
وزن فعولن فعولن فعولن فعولن
اسان لئه ته ڪعبو پرين! گهر اوهان جو،
ڇڏيون ڪيئن سهڻا! سڄڻ! در اوهان جو،

اسان جون نمازون ۽ سجدا اوهان لئه،
اسان لاءِ قبلو سچو تر اوهان جو،

ذهـن ۾ ۽ دل ۾ رهـيـن ٿـو سـدا تـون،
رهـي ٿـو سـچـو ڏيـنـهـن تصور اوهـان جـو.

ڏنـي آهـي فـتـويٰ زمـانـي ڪـفـر جـي،
سـڏي لـوڪ صـالـح ٿـو ڪـافـر اوهـان جـو.

صالح جا غزل محفل جا غنائي غزل آهن، جن جي گائڪي جو وقت صرف پنج منٽ آهي، جهڙوڪر ڪي ٿي اين جي ڪارخاني مان نڪتل آهن، حالانڪ ايئن بلڪل ناهي، پر مختصر غزل جو دور دورو آهي، ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ نوجوان دوستن تي اهو خيال حاوي ٿيل آهي، ان کي پري ڪجي تہ بهتر آهي.

غزل
بحر مضارع اخرب مربع
وزن مفعول فاعلاتن

تـوبـن نـراس آهـيـان،
ڏاڍو اداس آهـيـان!

رُخ روشـنـي آ مـنـهـنـجـو،
مـن ۾ امـاس آهـيـان.

بـازر ۾ بـي مـلـهـو ڄـڻ،
سَوءِ ڪـو ڪـراس آهيـان.

نـيـڻـن ۾ آهـي صـحـرا!
ٿـر جـي پـيـاس آهـيـان!

پَل عام مون کي سمجهو،
ڪنهن لئہ تہ خاص آهيان!





ڏي درد سـوچـي جـانـان!
ٿـورو حسـاس آهـيـان.

مٿين غزل ۾ ٽوٽي هن غزل ۾ قافيا مڪس ٿيل آهن ۽ رديف سنڌي ٻوليءَ جا خوبصورت لفظن جو ضميري پد ظاهر ڪن ٿا، ٽوٽي جو محبت جي نظام ۾ اشاروئي ڪافي آهي.

غزل
بحر هزج مثمن سالم
وزن مفاعيلن مفاعيلن، مفاعيلن مفاعيلن.

ڀيانڪ موت جو منظر! اوهان جي موڪلاڻي آ!
اسان جي مرڪ جي هاڻي، ڏکي ٿي پئي کهاڻي آ.

جدا جاني ٿيو آهي، خوشي پنهنجي رهي ناهي،
انهن دردن ۾ دل پنهنجي، چري ٿي پئي تہ ساڻي آ.

رُني آ پيار جي منزل، ٿيو جيئڻ بہ آ مشڪل!
هتي بدنام رب ڄاڻي، ڪيو ڪنهن ڄاڻي واڻي آ.

خوشي کهڙي کيان "صالح" عباسي کو مزو ناهي،
اڄوڪو حال هي سنڌ جو، وري ٻٽيو مياڻي آ.

صالح عباسي جي غزل جي سرزمين پنهنجي انفراديت رکي ٿي، جنهن ۾ ڪو بہ تصنع نظر نہ ٿو اچي، روماني غزل آهن، جن ۾ من مستي گهٽ ۽ مسئلا بيان ڪيل آهن، ان دليل مان اوهان ضرور صحي ڪاٿو ڪري سگهندا تہ "صالح" جو تخيل سنجيدا ۽ سياويڪ نيم جو آهي، بندي جي ڪوشش اها آهي تہ دوست جا گهڻي کان گهڻا وزن سامعين اوهان جي اڳيان اچن، تہ جيئن نوجوان شاعرن کي سٺو موقعو ملي سگهي.

غزل

بحر هزج اخرب مربع

هي غزل بہ صدر ۽ عروض، ابتدا ۽ ضرب تي آذاريل آهي، هن غزل ۾ حشو وارا رڪن موجود ناهن.

اڄ رات نئين جانان!
ٿي بات نئين جانان!

نيڻن مان پئي برسي،
برسات نئين جانان!

ٿي روز اچي مون وٽ،
ڪا ذات نئين جانان!

چاندوڪي وئي ارپي،
جذبات نئين جانان!

"صالح" ڪي تہ مارڻ لئہ!
ڏي مات نئين جانان!

پهريون رڪن مقفا ۽ ٻيو رڪن مردف، نئين دور جي نئين سونهن ۽ سوڀيا ڪي جماليات ۾ اوتيو ويو آهي، سنڌي قافين سان فارسي رديف جو اعليٰ شان ميل آهي، ان جو انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ مڃتا ۾ اهو چئجي تہ "صالح" عباسي پنهنجي دور ۽ طور جو ڄاتو فنڪار شاعر آهي.

غزل

بحر هزج مربع سالم

وزن مفاعيلن مفاعيلن

ڪِلڻ تنهنجو غضب جو آ!
ملڻ تنهنجو غضب جو آ!





تماچي تڙ ڏٺي تون آن،
وٽڻ تنهنجو غضب جو آ!

پٽائي تو لکيو دفتر،
لِکڻ تنهنجو غضب جو آ!

اکين جو تارو تون "صالح"!
ڏسڻ تنهنجو غضب جو آ!

عام حالتن ۾ ڪو نقاد "صالح" عباسي جي هن غزل کي قافيا پيمائي چوي تہ چئي سگهي ٿو، پر غزل بنا قافئي واري صنف ٿورو ئي آهي، لفظ اول قافيو ۽ ٻيو سپ ڪجهہ رديف ۾ شامل آهي، سنڌي غزل ۾ اهو نمونو سعيد ميمڻ اختيار ڪيو هو، جيڪو چڱو وقت سنڌي غزل ۾ هلندو آيو، سنڌي اڄوڪي دور جي غزل کان تہ حافظ شيرازي جا قطعا بہ طويل آهن، شيخ اياز جا "پونر پري آڪاس" وارا قطعا بہ ڏگها آهن، اسان کي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ اُچا ترائي کان ڪم نہ وٺڻ کپي.

غزل

بحر رمل مثمن محذوف

وزن فاعلاتن فاعلاتن، فاعلاتن فاعلن

سوچ منهنجي کي سدا سرهاڻ بخشيندي وئي،
جڻ اماوس رات کي چانڊاڻ بخشيندي وئي!

روپ هن جو ڪنهن ڪتابي ڄاڻ جو هو سلسلو،
ذهن منهنجي کي چمي ڪا ڄاڻ بخشيندي وئي!

هٿ وٺي هن پنهنجي وارن ۾ جڏهن منهنجو رکيو،
مون کي جڻ انمول ڪا هوءَ ڪاڻ بخشيندي وئي!

ڏرتيءَ ۾ جيئن هن جي گهر پگهس "صالح" وڃي!
ٻُڪَ پاڻيءَ جي ۾ جڻ مهراڻ بخشيندي وئي.

حقيقت اها آهي تہ قافئي جي طوالت جي ڪري فاعلاتن فاعلاتن جي ٻن رڪنن پڄاڻا هن غزل جي مصراعن ڪي اڌ دم واري نشاني نہ ٿي ڏيئي سگهجي، سُرهاڻ، چانڊاڻ، مهراڻ جهڙا طويل لفظ بيهڪن واري نشانين ۾ دخل انداز ٿيل آهن، “صالح” عباسي جي شاعريءَ ۾ زحاف نہ جي برابر آهن، اها ان جي ڪاميابي آهي.

غزل

بحر رمل مسدس محذوف

وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

خوبصورت سار جهڙي ڇوڪري!
ٻ گلن جي هار جهڙي ڇوڪري!

مارئيءَ جي سونهن مون کي ٿي لڳي،
ڪنهن امل ڪردار جهڙي ڇوڪري!

پيار هن جو ويجهڙو آهي گهڻو،
پر پراهين پار جهڙي ڇوڪري!

قيمتي ا ايتري “صالح” سَڪي،
سُرمئي سنسار جهڙي ڇوڪري!

صالح عباسي جا رومانوي دور جا رومانوي غزل، علامتن جي آڌار سان وسيع تر ڦهلاءَ وارا غزل آهن، جن ۾ آر پار ۽ سچي سنسار جو احاطو ٿيل آهي، اهو سمجهڻ گهرجي تہ فني وسعت جو مرڪز ڇوڪري آهي تہ محور سڄو سنسار آهي.

غزل

بحر رمل مربع سالم

وزن فاعلاتن فاعلاتن

آ هلي تون روح راڻا!
ڇڏ ڪٽي محبوب ماڻا!





آسماني سوچ پنهنجي،
ڪيترا آهيون اياڻا!

سڀ هتي آهن چريا بس،
پاڻ جي ناهيون سياڻا!

شهر پنهنجي موڪلاٽي،
اڄ سڏن ٿا ڪڪ اباڻا!

پاڻ هُون رولاڪ “صالح”،
ڪين پنهنجا ڪٿ ٺڪاڻا!

هي غير مردف غزل آهي، جنهن ۾ رديف استعمال ٿيل ناهي، پر مقفا غزل آهي، هي قافيا مردف ضرور آهن، ڇو تہ مروي قافيا حرف روي تي پورا ٿيندا آهن، حرف علت تي پورا ٿيل قافيا مروي قافيا ناهن، مروي قافيا حرف صحي تي آڌاريل هوندا اهن.

بحر مضارع مثمن اخرب محذوف

وزن مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

شيطان ٿو لڄي ٿئي، انسان کي ڏسي،
حيوان ٿو لڄي ٿئي، انسان کي ڏسي.

ظالم جو روپ ڌاري، ماٿهو پيا ڦرن،
پڳوان ٿو لڄي ٿئي، انسان کي ڏسي.

بيڏوهہ ڪيترا ٿا، منصف هتان مرن،
زندان ٿو لڄي ٿئي، انسان کي ڏسي.

ها! ڪوڙ جو وڏو هٽ، وهنوار ٿو هلي،
ايمان ٿو لڄي ٿئي، انسان کي ڏسي.

“صالح” عباسي وٽ بي مقطعا غزل تہ آهن، ليڪن بي مطلعا ڪوئي غزل ناهي، اها “صالح” جي خاص سڃاڻپ آهي، انسان بہ فطرت

جي تخليق آهن، ان تي به فطرت جا نشان اڪريل آهن.

غزل

بحر متدارڪ مثمن سالم

وزن فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن

تو بنا زندگي آ اڌوري صنم!
ايئن مون کان نه ڪر تون ته دوري صنم!

تو سوا ڏينهن هڪڙو به گذري نه ٿو،
ڪيئن گذري حياتي هيءَ پوري صنم!

يار! ڪيئن پيو ڪري مون سان جلدي ملو،
چو ته هاڻي ملڻ آ ضروري صنم!

آخري التجا ٿو هي "صالح" ڪري،
ياد من ۾ مچائي آ ڪوري صنم!

محمد صالح عباسي جو غزل پنهنجي فني ۽ فڪري لحاظ کان هڪ واضح ۽ پڌرو پيغام کڻي آيو اهي، سندس شاعري ۾ فني جماليات سان گڏ رومانوي جماليات جو مهراڻ موجزن آهي، پهراڙيءَ جي پنن ۽ پڊن کان وٺي، انتظاري جمال جو جهان به جوڙيل نظر اچي ٿو. فني جماليات جي ڪري هي غزل گائڪي ۽ موسيقي جي مختلف سُرن جي سنگم سان سنواريل آهي، وزن جي بدلائڻ سان ڌُن ۽ تال به نئين صورت وٺي من موهي ٿا وٺن.

عباسي صاحب جي نظم ۾ به نوان نوان ندرت ۽ نواڻ جا واهڙ وهي رهيا آهن، اسين دريائي ديس جا رهواسي آهيون، فطرت اسان جي اڳواڻ آهي، تاريخي نظمن کان وٺي پابند ۽ معرا نظم به هن ڪتاب "روح جون رولاڪيون" جي زينت آهن، نظم جي تسلسل جو خاص خيال رکيو ويو آهي، جنهن ۾ ابتدا، حشو ۽ اختتام ڪنهن مصور جي آرٽ سان سنواريل آهن، سڀ کان پهريان هڪ پابند نظم جا ڪجهه اشعار: عنوان ساجن





آءُ اسان لئه او! ساجن!تون
ڌرتيءَ جيڏو پيار کڻي آ،
سونهن سندو سنسار کڻي آ،
نينهن ڪري نروار کڻي آ،
خوشبو جان اظهار کڻي آ،
آءُ اسان لئه او! ساجن! تون.

جيون منجهه بهار کڻي آ،
آڳ ڪري گلزار کڻي آ،
جوڀن باغ بهار کڻي آ،
مستيءَ جي مهڪار کڻي آ،
آءُ اسان لئه او! ساجن! تون.

خوشبو ٿي جيئن منهنجو تن من،
هر دي جي هبڪار کڻي آ،
ڪجهه ته متا منتار کڻي آ،
آءُ اسان لئه او! ساجن! تون،
ڌرتيءَ جيڏو پيار کڻي آ،
آءُ اسان لئه او! ساجن! تون.

پيار کي ڌرتيءَ سان تشبيهه ڏيڻ، اظهار کي خوشبو سان تشبيهه ڏيڻ، آڳ کي گلزار جو استعارو بڻائڻ، علم بيان جا اهڙا مثال آهن، جيڪي هن نظم جي جان آهن، اهو اجتماعي گروهه جو ساجن ضرور ڪوئي اڳواڻ آهي، يا ته اها اجتماعي پردي دار پدمڻي پنهنجي ڪٽنب واري ڪائي وينگس پنهنجي ساجن کي ياد پيئي ڪري، اهو ساجن ڪنائي جو ڪونڌر آخر ڪير آهي؟ مٿيان سڀ دليل جماليات جي جان ۽ جگر آهن، استعا تشبيهون، ڪنايا علم بيان جي جماليات کي اظهار ٿا ڪن، سٽاءَ جي لحاظ کان هي مخمس نظم پابند نظم جو هڪ شهڪار آهي.

صالح عباسي جون وايون:

هوءَ ڪير اچي بيٺي،
رولاڪ جي رستن ۾.
12+13=25 ماترا، روپ ڪانت ڇند.
برساتون برسيون،
چورين ڇال ڏنا!
10+10=20 ماترا، آرُن ڇند.
رات سموري پئي،
تانداڻو تمڪيو!
زيتونن جي باغ ۾.
10+10+13=33 ماترا، منجري سَوَيا.
وينو نيڻ جلائي،
خالي ڪمري ۾.
10+10=20 ماترا، ارن ڇند.
اکڙيون بند ڪري،
چاهہُ ڇُمائي ٿي وڃي!
10+13=23 ماترا، راڌا ڇند.
نيڻن ۾ وڪريل،
وينو آدمي،
سپنا ميڙي ٿو.
10+9+10=29 ماترا، مرستا ماڌو ڇند.
اوندهہ سارو ترَّ،
روشن تنهنجو گهر!
10+10=20 ماترا، شاستر ڇند.
تنهنجي ڳل جو سانوري،
موهيڙو من موهي ويو.
13+14=27 ماترا، سرسي ڇند.
ڪيترو وياهن وٽي،
پيير تنهنجا پدمٽي!
12+12=24 ماترا، دڪپال ورنڪ ڇند.





بارش برسي، منظر مُرڪيا!
7+7=14 ماترا، چوپاٽي ڇند.
هوراڻو ٿوڳائي،
سينڌوءَ جي ڪپ تي.
12+10=22 ماترا، راس ڇند.

صالح جون وايون پنهنجي بيهڪ ۾ گائڪي پدن جو پيڪر آهن، سندن ٽُڪوارا پد ۾ اولاٽڪ پد فڪري توڙي فني گهرجن موجب مُنڊيءَ تي ٽِڪ جيان سجايل آهن، سندس صفحي نمبر 75 واري وائي ڏيڊوٽي آهي.

رات سموري پئي،
تانداڻو تمڪيو،
زيتونن جي باغ ۾.

پهريون اساسي پد اهي، ٻيو تڪ وارو پد آهي ۾ ٽيون اولاٽي وارو پد اٿس، ايئن ئي ص نمبر 78 واري وائي بہ ڏيڊوٽي وائي آهي.

نيڻن ۾ وڪريل،
وينو آدمي،
سپنا ميڙي ٿو.

پهريون اساسي پد، ٻيو تڪ وارو پد، ٽيون اولاٽڪ پد اٿس، صفحي نمبر 81 واري وائي ورنڪ ڇند ۾ رچيل آهي، باقي سڀ وايون ماترڪ ڇندن ۾ آهن، مجموعي طور تي عباسي جون وايون خوبصورت آهن، پر واين ڪان سواءِ ساريون وايون هيڪوٽي سٽاءَ واريون آهن.

منهنجي سانوري ساڃن جا گيت بہ ماترڪ ۾ ورنڪ ٻنهي ڇند ۾ رچيل آهن، پهريان ماترڪ ڇند وارو گيت

جيڪو سانگين سور گهٽائي،
ڌرتي لئہ جو نند ڦٽائي،
سوئي قومي هيرو آهي.

16+16+16=48 ماترا سُڌا ننڌي دنبڪ، هي ماترڪ ڇند آهي، تثليثي ماترائن جي جماليا تي بيهڪ جو پيڪر آهي، هيءَ وائي، اعليٰ فني مهارت جو شهڪار بہ آهي.

چڱو يار! جاني! اٿي موڪلاٽي،

لڳي ٿو اسان جي هتي آ پچاٽي.
20+20=40 ماترا، وچيا ماترائي ورنڪ ڇند.

هن گيت جو سرو سم پد ۾ تڪيارن پدن جو مجموعو آهي يا دوهي نما خوبصورت سرو آهي، مٿين وائي جا مٿيان پٽي پد اساسي ۾ تڪيارا سم پد آهن، جڏهن تہ اولاٽڪ پد مقفانہ آهي، مجموعي طرح "صالح" عباسي صاحب جو ڪتاب روح جون رولاڪيون" فني ۾ فڪري جماليات جو پيڪر آهي، هن ڪتاب آڻ تي اسين ڪيس دلي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

**سرمد چانڊيو**



رُوح جُون رڙلاڪيون

# هير ۾ هڳاءُ

صالح عباسي جيڪو هڪ سگهڙ، جيڪو سنڌ جي بهترين سگهڙن مان ڪالهہ تائين اسان سڃاتو پئي تنهن ڪي اڄ شاعر جي روپ ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي.

خوشي هڪ شاعر جي واڌاري ٿيڻ تي نہ پر ان ڳالهہ تي ٿي رهي اهي تہ هو جيترو بهترين سگهڙ آهي اوترو ئي سندر سندس شاعري جو روپ آهي، مان صالح عباسي ڪي ڪجهہ سالن کان ئي پڙهيو آهي، صالح عباسي جيڪا محنت سگهڙ ٿيڻ ۾ ڪئي ۽ پنهنجي استاد محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ۾ رهي جيڪي ڪشالا ڪڍيا سي ڪيس اڄ سٺي شاعري لکڻ ۾ ڪم اچي رهيا آهن. صالح عباسيءَ جي زندگيءَ جون سيئي تلخ حقيقتون سندس شاعريءَ جي سونهن آهن، ماڻهو ڪي جمڻ کان مرڻ تائين زندگي گهڻو ڪجهہ ڏيندي، سيکاريندي ٿي اچي. ماڻهو بہ زندگيءَ ڪي گهڻو ڪجهہ ڏيندو ٿو رهي. هي ڏيڻ وٺڻ جي ڳالهہ آهي، تون مون ڪي ياد ڪر تہ مان توکي ياد ڪيان واري ڳالهہ.

ڏات بہ ائين ئي آهي هر وقت ائين ٿي چوي تہ تون مون ڪي رت پيار، مان توکي ست ڏيان. اصلي سڃي ڳالهہ آهي. ادب، اخلاق احترام ۽ قدر جي فن سان سچائيءَ جي جيڪي فن سان سچا نہ ٿيندا اُهي سچا فنڪار تخليقڪار بہ نہ ٿيندا. اهو فن شاعري هجي يا ڪو ٻيو، سٺي شاعري ڪرڻ لاءِ فن، موضوع خيالن ۾ وشالتا ٻوليءَ جو يا لفظن جو صحيح استعمال هجڻ ضروري آهي، صالح عباسي جي شاعريءَ ۾ اُهي سيئي گهر جون موجود آهن.

صالح عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ فن و فڪر جو سهڻو سنگم موجود آهي. هن جي شاعريءَ ۾ آس ۽ نراس جي پئمانن جو جلترنگ پنهنجو آهي، مون ڪي ياد آهي تہ صالح عباسيءَ فيس بوڪ تي هڪ غزل

رکيوهيو،جنهن تي منهنجي هم اثر سينيئر شاعر سائين وشال روئي ڏنو هيو. ان ڪان وڌيڪ مون وٽ ڪو بہ اعزاز ناهي، صالح عباسي ڪي ڏيڻ لاءِ بس اها دعا ڪيان ٿي تہ هيءُ صالح عباسي سچائيءَ جي راهہ تي هلندي محبت جو مسافر هڪ ڏينهن پنهنجي مقصد جي مومل ضرور ماڻيندو. جنهن جي بنديا ۾ هڪ نئين صبح جو ستارو هوندو ۽ پرهہ هن جي خيالن تي ڪير ضرور هاريندي ۽ هن جا خيالن جا ڪيت هير ۾ هڳاءُ ٻڌبا!

**شاهده ڪوڪر/لاڙڪاڻو**





## حرف حرف هڳاءُ

منهنجي فيس بوڪ ادبي ستّ جو حصو ۽ ساٿي صالح عباسيءَ سگهڙ ادب ۽ جديد ادب جو هڪ تمام وڏو ۽ بهترين نالو آهي. سندس شاعري فيس بوڪ تي شيئر ٿئي ٿي تہ تمام گهڻو پڙهندڙن جو انگ ڪيس لائيڪ ڪري ٿو. عبدالغفار تبسم ڪان حسن پنهيار، وشال ڪان عارف مظهر، بيدل مسرور ڪان درد هوش محمد ۽ سڪندر تائين عالم اديب، دانشور، ڏاها استاد صالح عباسي جي شاعري تي پنهنجا ڪمينٽس ڏين ٿا.

شاعراڻي ناتي ادا صالح عباسي مون کي چيو تہ اوهين منهنجي ايندڙ ڪتاب لاءِ تاثر لکو. سچ تہ مان پيار ۽ پاپوهہ مان چيل انهن لفظن ڪان ڪنڌ ڪيڏائي ڪونہ سگهيس. توڙي جو مصروفيتون بہ تمام گهڻيون آهن. صالح عباسي جي شاعري سگهڙ لوڪ ادب ۽ جديد ادب جو حسين ميلاپ آهن، صالح عباسيءَ جي احساسن ۾ پنهنجائپ آهي. ديس پرستي آهي، حُسن پرستي آهي، قُرب جون ڪٿائون آهن. ويڙهچن لاءِ وفائون آهن، ڏکن منجهہ دلاسا آهن. دعائون آهن.

صالح عباسيءَ جو هي شعري مجموعو سنڌي ادب ۾ ڪٿائي ڪتاب جو اضافو آهي. ڪيس ڪتاب آڻڻ تي ڪوڙ ساريون دعائون ۽ مبارڪون پيش ڪيانتي.

**شبانا عالماڻي**

**مورو**

**19-10-2016**

# پاپ ننگر ۾ صالح هڪ ويڳاڻو ماڻهو

جتي زندگيءَ جا سڀ رنگ ڏنڏلا ٿي وڃن ۽ انسان حد بندين ۾ ورهائجي وڃي ۽ هي پاڪ پوتر ڌرتي غاصبن، غورن، عربن، ترخانن جي چنبن ۾ آئي هجي يا مدد خان جي گهوڙن جي سنبن هيٺ پوءِ اهو دور ون يونٽ جو هجي، ايم آر ڊي تحريڪ جو آمر ضيا جي بربريت جي هجي يا سندس نمڪ حلال پٽ نواز جو هجي توڙي جمهوريت تي راتاهو هڻندڙ مشرف جو مگر تاريخ شاهد آهي تہ هن پوئنہ تي اهڙن آدرشي انسانن جنم پئي ورتو آهي، جن هميشہ پنهنجي ذات ۽ ڏانو وسيلي سنڌ امڙ جي سيڏ سنوارڻ لاءِ ڪنڌ جهڪائڻ کان ڪنڌ ڪپائڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي، تن ۾ سائين جي ايم سيد، شيخ اياز، استاد بخاري، حيدر بخش جتوئي، ابراهيم منشي، ڪامريڊ سوڀو، راشد مورائي، حليم باغي، محمد خان مجيدي، سرڪش سنڌيءَ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي، تن آدرشي انسانن جي تسلسل جي ڪڙي محمد صالح عباسي بہ هڪ آهي، جيڪو عوام ۾ ساک وڃائي ويٺل محڪمي پوليس ۾ هوندي بہ خون مان ڪلپون پوڙي بہ ادب جي آبياري ڪندي سنڌ امڙ جي فرض لاهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، جيئن هڪ جاءِ تي پير پساري ويهڻ بدران منزل طرف وڌڻ جو حوصلو ٿو ڏئي تہ:

هر منزل ڪٽڻ جي آهي،
جي همت وڌڻ جي آهي،
هر ڪم سولو آ صفا،
جي قوت ڪرڻ جي آهي.

جيئن سنڌ ۾ سنڌين جا چار عباسي ڊاڪٽر تنوير عباسي،





شهيد نذير عباسي، ظهور عباسي ۽ محمد ملوڪ عباسي قرض لاهي ويا آهن، ائين پڪ اٿم تہ محمد صالح عباسي پنهنجي ڌرتي ماءُ جو قرض لاهيندو، جنهن جي ترجماني هي شعر ڪري ٿو تہ:

ڪير چوي ٿو تہ صالح مرندو،
ور ور ڏيئي واپس ورندو،
شعر اسان جا سورهيہ ساٿي
جيڪو پڙهندو سنڌ لئہ لڙندو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نڪش قدم تي هلندي هارين جو هڏڏوکي بڻجي صالح عباسي چئي ٿو ڏئي

ڳالهہ انهيءَ جو ٿئي ٿو ڏک،
ڏنو نہ ڪو ئي سانگن سک،
صالح سينگاريا جن پنيون پارا،
سوئي مري ٿو هاري بک.

صالح عباسي چيلهہ تي پوليس جي پٽي ٻڌڻ مهل انهن جي اصولن کان پڙڪنڊندي پنهنجي سانگين سان ڪمينٽمينٽ ٿيندي لکي ٿو
توکي ڪپي ڪارو ناڻو، منهنجو آهي ديس اباڻو،
مان ڪيئن صالح سانگي ساڙيان، تو تہ پنهنجو ايمان وڪاڻو.
صالح عباسي اتي بس نہ ٿو ڪري سندس ڌرتيءَ جي نيهن ايترو تہ نهوڙي وڌو آهي جو آزاديءَ جو جهنڊو ڪٽي باڌهہ ۽ ٻگيءَ جي ماڻهن کي صلاح ٿو ڏئي تہ

سنڌ سڄيءَ جا سارا ماڻهون،
مون کي آهن پيارا ماڻهون،
پنهنجي حق لئہ حڪلان ڏيئي،
نڪري هڻندا نعرا ماڻهو،

جيئي سنڌ جو جھنڊو ڪڏڻا،
جانب جيءَ جيارا ماڻھون،
سنڌ جي خاطر سوليءَ چڙھندا،
باڍھـ بگيءَ وارا ماڻھو،
صالح سنڌو ديس ناھي شل،
سنڌي ٿين سوپارا ماڻھو.

جتي صالح عباسي کي ڌرتيءَ سان پيار آھي اتي سرتيءَ ۾ سندس اندر اڏ واڏ ڪري چڏيو آھي، محبوب کي مھانتا بخشندي چئي ٿو ڏئي تہ

پڙچون تولئہ پالا سھبا،
نيڻ نہ تنھنجا آلا سھبا،
سچڻ خاطر سوليءَ چڙھبو،
صالح سور سلالا سھبا.

يا

سر تي سور بہ سھبو سائين،
اُف نہ توکي چئبو سائين،
سوليءَ سڏي ڏس صالح کي تون،
پوئتي پير نہ ھٽبو سائين.

مون ھڪ جاءِ تي پڙھيو ھو تہ: شاعري انسان جي سموري ڄاڻ ۾ سڀ کان پھرين ۽ آخري حيثيت رکي ٿي.

اُھا اھڙي امر اھي جھڙي انسان جي دل، سندس ھي شعر پنھنجي ئي ويڪائو دلالن جي مُنھن تي اگھاڙي چماٽ ناھي تہ ٻيو ڇاھي، پنگ لئہ نہ سانگي ڪٺو، ھا جنگ لئہ جھانگي ڪٺو، صالح استاد جو اعلان آ، غدار لئہ بس دانگي ڪٺو.

صالح عباسي شاعري ۾ ڪٿي ڪٿي وزن بحر جي کوٽ ضرور محسوس ٿئي ٿي پوءِ بہ صالح عباسي جي خصوصن قومي شاعري سنڌ جي ڏارائن جھڙي آھي، جنھن ۾ جماليات جون جھلڪيون بہ آھن، مٽيءَ





جي خوشبوءَ جي ڪومل جذبن واري سوچ ۾ لوچ بہ آھي، تہ خيالن جي وسعت پڻ اچو تہ سندس سندر ڪوتائن مان جدائي جو ھڪ روپ وٺون.

رات رنو ڪو نماڻو ماڻھو،
سياڻو سياڻو ويڳاڻو ماڻھو.

سڏڪي سڏڪي لڙڪ لڙي پس،
روئندي روئندي لفظ اڙي پس،
موتين جھڙو داڻو ماڻھو.

ڪنھن جي جدائي جھوريو ھوندس،
ماس ھڏن تان ڪوريو ھوندس،
جڻ تہ سورن لئہ ساماڻو ماڻھو.

صالح دور سھارا ٿي ويا،
ڏور اکين کان پيارا ٿي ويا،
دلبر در نہ اگھاڻو ماڻھو.

**زخمي چانڊيو**
**5 اپريل 2000ع/تي رھاڻ جي موقعي تي تقرير**
**جيڪا وڊيو جي صورت ۾ موجود آھي**

## تاثر

# رولاڪي ڪنهن جي روح جي!

لکاري جيڪڏهن دردوند آهي ۽ پوءِ اهو شاعر يا استوري ڪار، ڪهاڻيون ٻڌائي لکي ٿو پر ڳالهه اندر جي اوساڻ جي آهي! اڌما، جيڪي آهون ٿي ليڪ اوڳاڇي ٿو، جڳ وارن آڏو ڪورن ڪاڳرن تي اوتي ٿو ته لوڪ پڙهي پُرجهي، سمجهي!

سو پنهنجي ڌرتيءَ ديس ۽ قوم جو اصل ۾ انوا دک ٿئي ٿو. عالمي ادب جي هڪ پارکو عالمه اديب جي سولزي نتشن چيو هو ته ڪهاڻي ڪاڳر تي پَنڌ ڪندي ايندي آهي، مسافتون طئي ڪندي ساهه پٽيندي وڌندي آهي پر شاعري نچندي ڪڏندي هلندي اهي، جنهن ۾ صدين جا سور پور ۽ خوشين سرهاين جا بيان سموئجي وڃن ٿا! سو شاعر شاعري اهڙا پيغمبر آهن جيڪي ماضيءَ، حال ۽ ايندڙ وقتن جا گس پيشنگويون ڏين ٿا!

شاعري هڪ جنون آهي ۽ تخليقڪار مجنون ڪوتا ڪار لاءِ ڏات هن جي محبوبه جو درجو رکي ٿي، اهڙو ئي هڪڙو ڏات ڌڻي، جيڪو پنهنجي روح جي صحرا جو سيلاني آهي.

جنهن جي ذات ۾ خلقڻهار اهڙا هنر پوکيا جيڪي وڌي وڻ ٿيا، جن جو فني پورهيو لوڪ تائين رسي انهن جي روح جي خوراڪ بڻيو اهي، يگاني طبيعت توڪل جا ترها تاڻي رکندڙ محمد صالح عباسي ادب جي کيتر ۾ صالح عباسي جي نالي فني ڪِرتِ ۾ رڌل آهي.

صالح عباسي، جيڪو هر ڏاتيو ماڻهو آهي، جنهن جي زندگيءَ جو پس منظر به شانائتو آهي، جو هن کي فن وارثت به مليو سنڌ جي هن سهڻي خطي ۾ سگهڙي سخنوريءَ جو بي تاج بادشاهه سگهڙن جو منهندار محمد ملوڪ عباسي مرحوم پنهنجي فن جا ڏيئا اهڙا ٻاري ويو جنهن جي





روشنيءَ مان ڪيئي ٻيا سخنور سر جي نڪتا، تن منجهان صالح عباسي هن جو پائيتيو به آهي ۽ پڻ سريلو شاگرد آهي، اهڙي وارثت ۽ خون خمير مان جڙيل صالح عباسي مٿي لکيم ته هر ڏاتيو فنڪار آهي، جنهن ڊرامه آرٽ، جي فن ۾ فني اداڪاري کان وٺي ڊائريڪٽر، هدايتڪار، لوڪ ادب جي ڪلاسيڪل فن سگهڙ شاعري ۾ سگهڙائپ جي هر صنف تي سگهارو لکيو ۽ هاڻي ٿوري عرصي کان جديد سنڌي شاعريءَ ۾ پير پاتو ۽ سنڌي شاعريءَ جي موهي صنف غزل تي طبع آزمائي ڪئي ۽ هن بيحد خوبصورت غزل سرجيا جيڪي پرنٽ ميڊيا تي لوڪ آڏو عام ٿيا ۽ اڄ جي جديد ۽ نرالي دنيا فيس بوڪ تي به خوب هليا ۽ هلن پيا، صالح عباسي هونءَ ته رڳو غزل تي ئي پنهنجي ڏات ۽ قلم کي محدود ڪونه رکيو پر هن جديد ۽ پرسَليس سادي ٻولي ۽ پنهنجي لهجي ۽ انداز ۾ نثراڻا نظم، آزاد نظم، نظم ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي سباجهڙي ٻوليءَ ۾ لوڪ رنگ ۽ ڪجهه سگهڙي رنگ ڍهنگ به ندرت ڀرين خيالن سان هم آهنگ ۽ ٻنهين امتزاجن ۾ خوب وايون به لکيون! صالح عباسي جي شاعري نه فقط عشق پيار ۽ ڪنهن جي حسناڪيءَ تي موهجي ساراهي سٽيون ئي ڪونه لکيون هن، پر هي سپائن ئي ڌرتيءَ جو درد به سيني سانڍيو وتي ٿو! هن پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي محبت ۾ به پاڻ موکيو آهي، جن جون ڪيئي هن جون شاعراڻيون سٽون ساکي آهن.

صالح عباسي نه فقط هڪ سڌو سنئون ڪوتا ڌڻي ۽ ٻئي فن جو فنڪار آهي پر هي يارن جو يار دلبري نڀائيندڙ يار ويس ڪرو ماڻهو ۽ دوست پڻ آهي، تعريف ۽ توضيع ڪرڻ کان ته ججهي ڪري سگهجي ٿي، پر اصل هن جي ڏات ۾ جا فني فڪري شعوري لاشعوري شاعراڻي سگهه ۽ ڏانءَ ڏات وارو راڪ آهي، سو هن کي ادب ۾ هڪ اڇوتي جاءِ آڇي ٿو.

مُهڙ ۾ مون ذڪر ڪيو ته شاعري هڪ عشق آهي، جنون آهي ۽ ڏات ڌڻي عاشق مجنون آهي، ته اهو ڪو غلط نه آهي، پر سچ اهو آهي ته ان ڏس ۾ آءُ صالح کي هر وقت پنهنجي فن ۾ محومگن ڏٺو آهي! جو ملندي ئي ڪجهه نه ڪجهه سٽون ٻڌائي وٺندو آهي، هون به منهنجي ذاتي اها راءِ رهي آهي جيڪا اڪثر دوستن سان ونڊ ڪندو آهيان ته

18

شاعري وقتي ۽ وقت جي شئي ناهي يا هو شاعر آهي، يا ناهي، صالح جڏ وقتي شاعر نہ پر مون کي ڪل وقتي شاعر پاسندو آهي، هو ذاتي پنهنجي پيٽ پالڻ واري ڪرت ڪاريءَ سان هوندي بہ مون کي سدائين اتي شاعري جون سٽون سلجهائيندي نظر آيو آهي، هڪ ٻي ڳالهہ تہ صالح جيتري سٺي شاعري تخليق ڪري ٿو اوترو ڀلو نثر بہ لکي ڄاڻي ٿو. سٺيون ادبي ڊائريون، تاثر ۽ ڪهاڻيون بہ هن جي ڪريڊٽ تي پيل آهن، مون هن کي هر ڏاتيو غلط ڪونہ ڇيو جو هو فن جي ڪيتر ۾ مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري سڀ سان سُٺو انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪري چڪو آهي، هن پورهيو هي ڪيتري سڦلتا ماڻي آهي، اهو دوستن جي هٿ ۾ سندس تازو هي ڪتاب جيڪو هن جي روح جي رولاڪي تہ آهي پر هن ۾ هي شاعري ديس، جي دکن ڏوجهرن مسڪين مارن جي حال ڪٿا ۽ پيغام سان پر بہ آهي تہ حَسنَين جي دل لڳڻ جو داستان ۽ ان سونهن وارن لاءِ سڏڪا بہ آهن، جن هن جي روح کي رولاڪيون بخشيون تہ اندر جي آهن کي هي شاعراڻو حُسن بہ ڏنو، ڇو تہ هِن دل دکيءَ جي روح کي ڪائي رهڙ نٽي اڇي تہ اندر منجهان قيمتي ڪيميا شاعري جو روپ نٽي وٺي سگهي، صالح جي هن پهرين مجموعي ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي جنهن کي هڪ شاعر جي پختي اک پڙهي ۽ پرجهي صالح جي هن ذهني پورهيو جو تدارڪ هڪ فن ڏٽيءَ جو داد پڙهڻ واري جي قدر داني آهي ۽ اهو ئي وڏو هڪ لکاريءَ لاءِ انعام آهي، ان جي سهي سڦلتا ئي آهي، سائين سرمد مهاڳ عنوان سروم دکم دکم بہ ڏنو آهي، جيڪو صالح جي من جي نيڪ ترجماني، صالح جو هي پهريون شعري مجموعو سکن، دکن، المين ۽ جيون جي پٽڪندڙ ساهن جو حسين سنگم آهي، اميد تہ پڙهندڙ قدر شناسي جو ثبوت اوس ڏيندا ۽ پنهنجي دعا آهي، صالح سرنيون سٽون پنهنجي ساهن سان سرجيندو رهي.

**سڪندر شيخ**
**12-11-2016**
**لاهوري محلو لاڙڪاڻو**





## دل وچان چند لفظن جي پيٽا

ادبي دنيا سان منهنجي وابستگي زندگي جو بهتر عمل هيو، جو آئون اهڙي سگهڙ ست ۾ شامل ٿي هڪ وڏي جهان سان روشناس ٿيس ۽ پاڻ ۾ سپاويڪ تبديليون محسوس ڪيم، منهنجو دوست، پياءُ سڀ ڪجهہ محمد صالح عباسي مون کي ادبي جهان ۾ آڻي وڏو وڙ ڪيو، محمد صالح عباسي تي لکڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي، جو سندس گوناگون شخصيت جا سڀئي پهلو وزندار آهن، شايد آئون انصاف نہ ڪري سگهان، پنهنجي حال آڏار سندس حڪم اڪين تي رکي عرض ڪندس تہ کي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا، سندن سپاءُ اهڙو تہ خوشبودار هجي ٿو جنهن سان ماحول معطر ٿئي ٿو، سگهڙن جي جهان جو وڏو نالو محمد صالح عباسي مڪمل آرٽ ورڪ جو ماهر، وسيع سوچ، قوم پرستي جو اهڃاڻ، سچي ديش ڀڳت، دوستي ۾ وڙ ڪرڻ وارو پنهنجي ذات ۾ انجمن آهي، سندس شاعري ۾ محبت ۽ ديس لاءِ اڪير سان گڏ هڪ ارڏائپ آهي جا ڪونڌر سنڌين جو شان هوندي آهي، سائين سڪندر شيخ چواڻي تہ: محمد صالح عباسي سگهڙن جو نڪ آهي، سندس قلمي پورهيئي تي مون کي دلي خوشي سان گڏ فخر محسوس ٿي رهيو آهي جو آئون اهڙي مور انسان جو پاڇو رهندو آيو آهيان.

**فياض الرحمان سومرو**
**جنرل سيڪريٽري**
**آواز گروپ لاڙڪاڻو**

# شاعري جو ماهتابُ، خوبصورت انتخاب

سنڌ سونهاري جي سرسبز خطي هميشه غير معمولي انسانن کي پئي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي فن و فڪر، بلند ڪردار سان قوم جي ذهنن تي چڙهيل ورهين جي ڪٽ لاهي ڪين نئون جيئدان بخشيو آهي.

لوڪ ادب ۾ عالمي سطح جي قدآور شخصيت، سگهڙ دنيا جي ڏاهي اُستاد محمد ملوڪ عباسي جي گهراڻي جو چشم و چراغ محمد صال عباسي جو هڪ مايه ناز سگهڙ، شاعر، ڊرامه آرٽسٽ، شارٽ اسٽوري رائيٽر، ڪمپيئر جهڙا زبردست اعزاز رکڻ پٺيان سندس محترم اُستاد جي رت ولوڙ، محبت، سکيا جو عمل دخل آهي، سندس اهڙين پال پلاين جا ڳڻ هو هردم ڳائيندو ٿو رهي، اُستاد محمد ملوڪ عباسي ڪانپوءِ هي واحد شخص آهي، جنهن ان عظيم ورثي جي پاسداريءَ خاطر پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي آهي، لوڪ ادب ۽ سگهڙ سٿ لاءِ سندس ڪليدي ڪردار رهندو پيو اچي، مختلف فورمن تي اهڙو مچ مچائڻ لاءِ هن دوست بي انتها تڪليفون سٺيون آهن.

سندس شاعري جو هي ڪتاب ورهين جي ولوڙ آهي، جا ماڻي مان پلوڙ مکڻ ٿي نڪتي آهي، جا سهڻي انداز ۾ اوتجي اسان تائين پهتي آهي، محمد صالح عباسي جي شاعري ۾ سونهن کان قومي درد تائين خيالن جي پختگي فني فڪري صلاحيتن جي چٽي شاهدي ڏئي ٿي، هو محبت ۾ بلڪل اتاولو ناهي پر ڌيرج سان حسين پينٽنگ ڪندڙ آهي، سندس بولي نج عوامي، سليس، سٺي سولي واري آهي، قوم جي اهنجن تي سندس قلم سوايو وهيو آهي، سنڌ، سنڌي قوم ۽ محبوب واري ٽيمورتي جي گرد سندس شاعري رقصان آهي، شاعري جي آسمان تي هي ڪتاب چوڏهين جو چنڊ ٿي ضرور اڀرندو، جنهن جي روشني سان محبوبي گهٽيون منور ٿينديون، "روح جون رولاڪيون" مجتا جو عروج ماڻي اسان جون اکيون ٺڏيون ڪندو.

**منير مصور ڀڳهيو**

**لاڙڪاڻو**





# سمبارا جو شاعر

جديد سنڌي شاعريءَ جي روحاني رستي تي الائي ڪيڏا مجذوب ۽ محبوب شاعر پنڌ پيا، انهن سان گڏ صالح عباسي به سفر تي نڪتل آهي، ان سفر جي پهرين منزل هن جو پهريون ڪتاب "روح جون رولاڪيون" آهي، سهڻن غزلن، واين، نظمن ۽ گيتن سان سينگاريل سهڻو ڪتاب آهي.

صالح عباسي منهنجو پراڻو دوست هن سان پهرين ملاقات به ڪافي سال اڳ ڪنهن سنڌي فلم جي رڪارڊنگ دوران ٿي. ان دؤر ۾ ڊرامن ۽ فلمن جو ڀوت سوار هوندو هيو.

بعد ۾ ملاقاتون دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويون. هن پنهنجي مفلسيءَ واري دؤر ۾ به زندگيءَ کي انجواءِ ڪيو آهي، هي ڏاڍو بهادر شاعر آهي، جيڪو حالاتن سان مخلسيءَ جي سختين سان مُنهن ڏيندو رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ هن جي زندگيءَ جي بقا ۾ شاعريءَ جو وڏو هٿ رهيو آهي.

صالح عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ هڪ پاسي ڌرتيءَ جو درد ٿو ملي ته ٻئي پاسي سمبارا جو سور ۽ سونهن جي چترڪاري به ملي ٿي، هڪ غزل ۾ لکي ٿو ته

"صالح کي آ طاقت ڪهڙي،
دشمن کي آ نارن ماريو."

ڌرتيءَ لاءِ لڳندڙ نارا واقعي گهڻ ڪونه آهن، هڪ ٻئي نظم ۾ لکي ٿو ته:

ڇڻ موهن ۾ آءُ رهان ٿو،
۽ موهن آ منهنجي مَنَ ۾.

اهڙن سٽن مان محسوس ٿو ٿئي ته موهن جي دڙي جي ڀرسان جنم وٺڻ جو به ڪافي اثر آهي هن تي.

موهن جي دڙي جي مٽيءَ جي خوشبوئي پنهنجي من کي موهي وجهي ٿي ۽ ياد ڏياري ٿي ته سنڌ هزارين سال پهريان به سنڌ آهي. صالح جو سمورو ڪتاب خوبصورت آهي، دعا اهي ته سدائين اهڙي شاعري سرجيندو رهي. اياز جي هن شعر سان موڪلاڻي.

عشق تنهنجو اياز آ انسان سان،
هُو چون ٿا ته تون ناهه ايمان ۾.

**عارف مظهر-لاڙڪاڻو**

# غزل نہ گم ٿيڻ جھڙا

جنهن شاعر جي شاعريءَ جون پارون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ ڪُتل هونديون آهن ۽ جنهن شاعر جون سوچون ديس واسي پنهنجون سوچون سمجهندا آهن. ان شاعر ۽ انهن سوچن ڪي ڪنهن اعليٰ اديب جي سند "سرٽيفڪيٽ" جي ضرورت ناهي هوندي، ڇو جو ان شاعر ۽ ان سوچن جا نقاد اُهي ديس واسي ئي هوندا اهن، اُها ئي سندَ ان شاعر ۽ ان سوچن لئہ اعليٰ هجڻ واري سندَ هوندي آهي.

صالح عباسيءَ جي هي ڪتاب روح جون رولاڪيون" انهن ٻنهين خوبين سان مالا مال آهي، هنن خوبين کان علاوه جيڪا مون کي اجان بہ اتم ۽ اعليٰ خوبي نظر آئي آ صالح ۾ سا آهي لوڪ ادب وارو پاسو، يا لوڪ شاعري4 جو پاسو، صالح عباسي هڪ تہ سنڌ جي هڪ وڏي سگهڙ گهراڻي سان واسطو رکي ٿو ۽ پڻ پاڻ بہ هڪ بهترين سگهڙ شاعر آهي.

سگهڙائپ کان سواءِ جديد ادب ڏانهن لاڙي جو شاهد سندس هي ڪتاب "روح جون رولاڪيون" آهي.

جيڪڏهن ساڳي محنت ۽ پروڙ جاري رکيائين تہ اُهو ڏينهن ۽ اُها منزل ضرور کيس ڀاڪر پائيندا، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن هي ادب جا پہ پاسا ورتا آهن. صائب چيو تہ: شاعري لئہ پہ شيون هاجيڪار آهن، هڪ نا شناس جي واهہ واهہ ٻيو پارکوءَ جي خاموشي، مون صالح عباسيءَ جي شاعري سهڻا سادڙا ۽ منٽن ۾ پنهنجو ڪندڙ ڪردار ڏٺا آهن ۽ اوهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ صالح عباسي جي اُها شاعري آهي جيڪا ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳائبي ۽ واکاڻ بي آهي.

اسڪاٽ پيپ چيو تہ: روحاني اعتبار کان سپ کان وڏيڪ ترقي حاصل ڪرڻ وارا اُهي ئي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي زندگيءَ کي





سمجهڻ جا ماهر هوندا آهن، صالح عباسي زندگيءَ کي سمجهڻ سان گڏوگڏ ادبي سفر ۾ تخليقي طرقي پڻ ڪئي آهي.

تڏهن تہ هي خوبصورت ڪوتائي محل ڏئي ڪري صاحب ڪتاب شاعر ٻڌجي ويو آهي، هاڻي جيڪي هن ڪوتائي محل مٿان جائز ۽ ناجائز حملا ٿيندا، انهن کي مُنهن لئہ ادب جي پارڪن ۽ مطالعي سان پنهنجو ادبي پاند اجان بہ مضبوط ڪرڻ جي ضرورت پوندس.

آئون صالح عباسي کي چوندس تہ پيارا شاعر "زندگي جو هر وقت هر ڪنهن سان سهڻو گذاريو. ڇو تہ زندگي ختم ٿي ويندي آهي، سهڻيون يادون هميشہ رهنديون آهن. "مولا علي عليہ السلام"

**شيخ فرازي**
**لاڙڪاڻو**
**07-12-2016**

# هو جيڪو مسلسل تحرڪ ۾ رهي ٿو

صالح عباسي سان منهنجي محبت ۽ نياز منديءَ جو رشتو هڪ ڏهاڪي ڪان وٺي رهيو آهي جنهن ۾ هن ڪي مون سدائين تحرڪ ۾ ڏٺو آهي. هن سماج ڪان وٺڻ بجاءِ هميشہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو جڏهن قومي سياست ۾ متحرڪ هو تڏهن بہ هن پنهنجي محبتن جو مرڪز ڪنهن اقتدار اعليٰ جي ڏر ڪي بڻائڻ بجاءِ سن ڪي بڻايو هو جنهن مرڪز سان هن بي لوث ۽ بي پناہ محبت ڪئي هئي. هن جڏهن سنڌ جي لوڪ ادب ۾ پنهنجي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن تڏهن بہ هن جو رشتو عوام سان، پورهيتن سان ۽ مظلومن سان رهيو آهي. هن جي شاعريءَ جو سفر بہ روايتي هئڻ بجاءِ ڪيترن ئي نئين روايتن جو ساڪي سفر آهي. صالح عباسي ڪنهن سان بہ نفرت ڪرڻ، تاريخ جو سڀ ڪان وڏو ڏوهہ سمجهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي عام زندگيءَ ڪان وٺي قلمي سفر تائين صرف محبتون ئي ورهايون آهن. اهي هن جون محبتون سنڌ جي گيڙو رنگ جو سڀ ڪان وڏيڪ طاقتور دليل آهن ڇو تہ سنڌ صوفين جي جي سرزمين آهي جنهن تاريخ جي هر دور ۾ محبتون ورهائڻ سڪي آهي جيتوڻيڪ انهن محبتن جي عيوض نفرتن جي سنگ باري بہ ٿي آهي تنهن باوجود بہ سنڌ محبت جي دامن ڪي پنهنجو مقدر بڻائي ڇڏيو آهي صالح عباسي انهن محبتن جو امين آهي. هن سان ڪيترن ڳالهين سان اختلاف بہ رکي سگهجي ٿو پر هن جي خلوص ۽ پنهنجائپ ڪان انڪاري نہ ٿو ٿي سگهجي. هن جي شاعري سماج جي ڪيترن ئي رخن جا نوان نوان رنگ ۽ روپ ڪڍي اچي ٿي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "روح جون رولاڪيون" ، اصل ۾ هن جون رولاڪيون آهن جنهن زندگيءَ جي وڪ وڪ تي سفر دوران نہ صرف ڏنيون آهن پر ان جو هن ڪي تلخ تجربو بہ آهي . هن جون هي رولاڪيون سماج جي بي زبان، روحن جو آواز بڻجي، ڪتابي صورت ۾، تاريخ جو رڪارڊ بڻجي ويون آهن.مان پر اميد آهيان تہ صالح عباسي جو هي ڪتاب "روح جون رولاڪيون " سنڌي ادب ۾ هڪ خوبصورت اضافو آهي

**عيسيٰ ميمڻ لاڙڪاڻو**





# مبارڪون

سرڪشي ۽ باغيانا طبيعت رکندڙ صالح عباسي جنهن ڪي منهنجي رهبر بابا فقير محمد ملوڪ عباسي پنهنجي محبت ۽ شاگرديءَ ۾ هڪ فقير ۽ صوفيانہ طبيعت رکندڙ بڻائي ڇڏيو. اڄ تخليقڪار جي روپ ۾ هڪ ڪتاب ڏيئي سنڌي ادب ۾ منهنجي خاندان ۾ استاد ڪانپوءِ پيو صاهب ڪتاب هجڻ جو شرف حاصل ڪري ويو، ڪيس مبارڪن سان گڏ وڌيڪ تخليق ڪرڻ جي دعا ٿو ڏيان.

**شبير ملوڪ عباسي**
**ضلعي صدر**
**سنڌ سگهڙ سنگت ڀلائي تنظيم**
**لاڙڪاڻو**

# مبارڪون

صالح عباسي جو ڪتاب "روح جون رولاڪيون" هٿن ۾ ڏسي منهنجي اکين جو ڪنهن تائين اوجاڳو لٿو، هي سچن جذبن جو تخليقڪار آهي، ساڻس منهنجي دوستي مون لاءِ فخر جي لائق آهي، اُهي ڳالهيون جيڪي سڀن پائرن سان نہ سَلي سگهان، اُهي هن سان سلي دل جو بار هلڪو ڪندو آهيان، جيڪڏهن واقعي پيو جنم هجي تہ مالڪ مون ڪي صالح عباسي جو سڀو پاءُ ڪري اٿاريندو. خوشيءَ منجهان اکين جا پانڌ پسائي ڪيس ڪتاب جي مبارڪباد ڏيان ٿو.

**گل حسن سومرو**
**وائيس چيئرمين**
**آواز گروپ لاڙڪاڻو**

## التجا

يا خدا! او يا خدا عاصي ڪيان ٿو التجا،
منهنجون خطائون معاف ڪر صدقي شهيد ڪربلا.

مان بندو آهيان گندو مان آهيان واعدي خلاف،
تون ڍڪج منهنجون ڍلايون منهنجي آ ڏادي ندا.

ڪوڙ ڪوڙايون ڪيون مون ڪوڙي شهرت واسطي،
هيرا ڦيريون هَٿ وڏائي ڪوڙي منهنجي هر ادا.

مون آ پنهنجو پاڻ ڪي پنهنجي نظر ڪيري ڇڏيو،
رحم ڪر رازق تون مون تي منهنجا آهن ڪم ڪُڏا.

تون ئي مالڪ تون ئي خالق تون ئي آهين رب رحيم،
مون تان مصيبت معاف ڪر ڏاڍا اهن ڏکڙا ڏٺا.

مشڪلاتن ۾ پيلا ڪنهن در وڃي دانهون ڪيان،
نظر ڪرم سرڪار ڪر تون ڪر سخي پنهنجي سخا.

سوالي آ صالح عباسي اُمتي عربيءَ سندو،
پاڪ پنجتن جو ثناگر ٿو گُهري شافي شفا.

❋





# غـــــزل



سنڌ سڄيءَ جا سارا ماڻهون،
مونکي آهن پيارا ماڻهون.

حق پنهنجي لئہ هڪلون ڏئي،
نڪري هٽندا نعرا ماڻهون.

ڌرتيءَ جي لئہ وڙهندا مرندا،
جانب جيءَ جيارا ماڻهون.

سنڌ جي خاطر سوليءَ چڙهندا،
”صالح“ ٿي سوڀارا ماڻهون.

❁





هيڪلي زندگي ڪو سهارو نہ آ،
دور تو ڪان سڪي ڪو سهارو نہ آ.

زندگيءَ ڪان خفا ٿي ويو آدمي،
آ بچي خودڪشي ڪو سهارو نہ آ.

بي رخي ايتري ٿيڪ ناهي مٺي!
تو سوا او چري! ڪو سهارو نہ آ.

ساٿ تنهنجو کپي مون کي مرڪڻ جي لئہ،
پيار ڏي ڇوڪري ڪو سهارو نہ آ.

❁

مـنـظـر سـهـڻـا سـارا مـرڪـيـا،
اولـهــ اوڀــر وارا مــرڪــيــا.

رات سڪي جيئن مون سان مرڪي!
چـنـڊ ڪَـتـي ۽ تـارا مـرڪـيـا.

رم جهم رم جهم، موسم مهڪي،
بـارش پـئـي نـيـسـارا مـرڪـيـا.

سن جي ويجهو جيئن پڳاسين،
ڏرتـي تـنـهـنـجـا نـعـرا مـرڪـيـا.

❊



رُوح جُون رڙلاڪِيون

بـاهـ انـدر ۾ ڀـڙڪـي پـئـي آ،
يـار قـيـامـت ڪـڙڪـي پـئـي آ.

تـو بـن مـنـهـنـجـو جـيـون جـانـي،
خـالـي چـاڏي ڪـڙڪـي پـئـي آ.

دل جو منهنجو جهيڙو اهڙو،
ڪـڪـڙن جوڙي ڦـڙڪـي پـئـي آ.

حـيـرت آهـي مُـردي جـي اڄ،
صـالـح دلـڙي ڌڙڪـي پـئـي آ.

❊

خاڪ ٿي وئي هر خوشي ڇاڻي نہ ٿو،
هو اسان جي عاشقي ڇاڻي نہ ٿو.

پاڻ کي ٿو پاڻ ئي ڪُهندو وتي،
هاءِ پاڳل آدمي ڇاڻي نہ ٿو.

خوبصورت زندگيءَ مان آ خفا،
ڇا هي آخر زندگي ڇاڻي نہ ٿو؟

غير جي آهي چوڻ ۾ اُن ڪري،
هو اسان جي دوستي ڇاڻي نہ ٿو.

❊





ڏرتي هي ديوانا ماڻهو،
آهين ڇڻ افسانا ماڻهون.

دنيا جا دستور دورنگي،
مارن ٿا مستانہ ماڻهون.

اڄ پيي جا ٿي مچ مچي ٿو،
پهچن ٿا پروانہ ماڻهون.

تنهنجي نظرن ڏي گهوريندي،
ٽوڙن ٿا پيمانا ماڻهون.

گيت تہ ڇيڙيو صالح جو ڪو،
ايندا سڀ مستانہ ماڻهون.

❊

اسان ڪان اجايو ڪنارا نہ ڪر!
رقيبن کي جاني اشارا نہ ڪر!

نقابن کي مُکَ تان هٽائي نہ ڏس،
شرمسار سھڻا نظارا نہ ڪر.

اکين سان ڪرڻ حرڪتون ڏي ڇڏي،
ڪري يار پوندا ستارا نہ ڪر.

حسابن ڪتابن کي ڏي تون ڇڏي،
اجايو پرين يار پيارا نہ ڪر.

❊





سار جي ڪنھن شام ۾ سڏڪا پري،
ڪير ٿو انجام ۾ سڏڪا پري.

ڪو تہ ھن ڪان دوست آ وڇڙي ويو،
ڪير ٿو نہ تہ عام ۾ سڏڪا پري.

پيٽ سان پٿر ٻڌي ھو آ سُتي،
دل پئي ڪنھن دام ۾ سڏڪا پري.

اڄ ٻہ مون آھي ڏٺو تنھنجي سميع،
سنڌ ٿي قتلام ۾ سڏڪا پري.

خوبصورت ويو پکي اڏري جڏھن،
لام پئي تنھن شام ۾ سڏڪا پري.

❊

سميع: سميع الله ڪلھوڙو سنڌ جو شھيد

تعبير بنا سپنا،
چڻ سرد هجن لاشا.

پوڙهي ٿي حياتي آ،
پر يار جوان جذبا.

هوءَ ڇاڻ اجهو آئي،
دل ۾ آهي آشا.

هي ڪير سنڌوءَ ڪپ تي،
ٿو روئي ڇئي نغما.

هي ڪير وڇائي ويو،
رستن ۾ سوَ شيشا.

صالح ڪي ڪمي تنهنجي،
ترڇپائي ٿي بابا.

❊





منهنجي نگاه ۾ تون،
دل جي پناهه ۾ تون.

هاڻي سمائجي وڃ،
منهنجي تہ ساهہ ۾ تون.

محفل ۾ روشنيءَ ۾،
۽ واهہ واهہ ۾ تون.

ڇئو ڏار تون نظر ۾،
هر يار راهہ ۾ تون.

❊

لڳئي شل نہ ڪنهنجي نظر لاڙڪاڻا،
اسان جي پرينءَ جا شهر لاڙڪاڻا.

ڪٿي ٻيي هجون پر پيل پيٽ ۾ هن،
هي تنهنجا اسان کي ٽڪر لاڙڪاڻا.

رهيو آهي تنهنجو سدا يار ساٿي،
هي موهن جو سهڻو ننگر لاڙڪاڻا.

سدا روڊ رستا پيا تنهنجا مهڪن،
هجن شاد تنهنجا پٽر لاڙڪاڻا.

❊





وفائون لاڙڪاڻي جون، جفائون لاڙڪاڻي جون،
اسان کان ڪونہ ٿيون وسرن ادائون لاڙڪاڻي جون.

لهن دل تان نہ ٿيون لعلڻ! پٺائيءَ جو قسم آهي،
لڳيون جي روح منهنجي کي حنائون لاڙڪاڻي جون.

سخائون لاڙڪاڻي جون صدائون لاڙڪاڻي جون،
اسان جي ذهن تي اُڪريل عطائون لاڙڪاڻي جون.

سدا صالح صبح سانجهي چوان ايمان سان ٿو مان،
عباسي ڪو نہ ٿيون وسرن فضائون لاڙڪاڻي جون.

❊

گُهري مون زندگي جنهن ڪان ڪري منهن موڙ ماري ٿو،
وڏو هو آسرو جنهن ۾ چني سو جوڙ ماري ٿو.

شرارت ڪين ڪا ڄاڻون اسان سادا سِڌا ماڻهو،
زمانو پوءِ پيي ظالم ڪري بي جوڙ ماري ٿو.

لٽائي دل جي مون جاگير آ جنهنجي ادائن تي،
فنائن جو وٺائي ٿو اهو ئي موڙ ماري ٿو.

سوين صالح چڏيا ناتا اسان جنهن جي ڪري هتڙي،
عباسي سو وفائن جي ڪري اڄ ٿوڙ ماري ٿو.

❊





وحشت جي واڪاڻ نہ گهرجي،
خون ڀڏل سرهاڻ نہ گهرجي.

مارن مک تي مرڪون گهرجن،
اکڙين ۾ آلاڻ نہ گهرجي.

ڏيم جا حامي ڪل حرامي،
اندر جي ڪاراڻ نہ گهرجي.

مير وڏيرا خان بهادر،
هاڻي ڪا گدلاڻ نہ گهرجي.

سنڌو منهنجو مست وهي شل،
ڪيتن ۾ پيلاڻ نہ گهرجي.

اجرڪ رکجو منهنجي سِرَ تي،
رسمن جي چڪتاڻ نہ گهرجي.

❊

اچــو اورتــي اور اوريــو اســان ســان،
قدم پيار جا ڪي تہ سوريو اسان سان.

ٽٽن ڪين پنھنجا ڪڏھن ساٿ جاني،
ڏکن ۾ سکن ۾ پيا ڏوريو اسان سان.

پلـي جـان زمـانـو سـڙي سـاڙ ۾ هـي،
اچو چاھہ جو چنگ چوريو اسان سان.

گـلـن هـي چـيـو آھـي صـالـح عـبـاسـي،
اسان جي ڪنڊن کي بہ توريو اسان سان.

❊





ڪنھن جي ڳُڙَ ۾ ڳڙجي ويندينءَ،
رانديڪي جان ٻڙجي ويندينءَ.

روئـنـدا رهـنـدئـي نـيـڻ نشـيـلا،
ماضـيءَ ڏي جـي لڙجـي ويـنـديـنءَ.

رنـگ سـمـورا رنـگ نـہ رهـنـدئـي،
اھـڙي ھـنـڌ چـا اڙجـي ويـنـديـنءَ.

فـوٽـو مـنـھـنـجـا ڦـاڙي چـڏجـان،
پـوري ڪـاري ٻـڙجـي ويـنـديـنءَ.

”صـالـح“ پُـلـجـي نـاءُ نـہ ڪـڻ جـان،
پنھنجن مان پي تڙجي ويندينءَ.

❊

خوابن جي تعبير ٿي گهرجي،
ساپيان جي تصوير ٿي گهرجي.

ظلم جو نقشو ڦاڙي ڇڏجي،
ڪا اهڙي تحرير ٿي گهرجي.

عمر سموري ڳنڍي ڇڏي جا،
سا اهڙي زنجير ٿي گهرجي.

مان ٻي رانجهو دل جو آهيان،
مون کي ٻي ڪا هير ٿي گهرجي.

صالح سان گڏ پوڙهي ٿئين شل،
ها اهڙي تقدير ٿي گهرجي.

❊





تون زهر پيالو پياريو جي،
مان مرڪي مرڪي پي ويندس.

تون دور اسان کان گهار پلي،
مان تڙپي تڙپي جي ويندس.

تون شعر اسان جا جي پڙهندين،
مان اعليٰ شاعر ٿي ويندس.

تون صالح تي ڪروار پلي،
پر راهه مٿائي نه ٻي ويندس.

❊

اڇا ٿي وار ويا سڪ ۾ سڄڻ ڏاڍو سڪايو تو،
ڪڏهن ايندين اڱڻ موٽي نہ هي آهي ٻڌايو تو.

اسان ڪي پيار سان ناتو نڀائڻ ايندو آ جاني،
اهو ڪنهن ڪي نہ چونداسين گهڻو آهي ڏڪايو تو.

مٺا تنهنجي سخائن جا پيو مان گيت ڳائيندس،
نوازش اچ ڪري ڪيڏي مون ڏي هٿڙو وڌايو تو.

سڄڻ توکي سنڀاريندي عمر گذري پئي منهنجي،
خطا ڪهڙي ڪئي آ مون جو منهنڙو هي مٽايو تو.

خوشي صالح ڪري ڪهڙي عباسي کي تہ سمجهايو؟
زماني کان نہ پردو ڪئي مون کان ڇو منهن لڪايو تو.

❊





ڀيانڪ موت جو منظر! اوهان جي موڪلاڻي آ،
اسان جي مرڪ جي هاڻي ڏکي ٿي پئي ڪهاڻي آ.

جدا جاني ٿيو آهي، خوشي پنهنجي رهي ناهي،
انهن دردن ۾ دل پنهنجي چري ٿي پئي تہ ساڻي آ.

رُٺي آ پيار جي منزل ٿيو جيئڻ آهي مشڪل،
هتي بدنام رب ڄاڻي ڪيو ڪنهن ڄاڻي واڻي آ.

خوشي ڪهڙي ڪيان صالح عباسي ڪو مزو ناهي،
اچوڪو حال هي سنڌ جو وري بڻيو مياڻي آ.

❊

ڪڏهن حال ڪنهن کي ٻڌائي نہ سگهندين،
لڳل باهہ دل جي وسائي نہ سگهندين.

اسان ساهہ ڏئي آهي ويساهہ ورتو،
زمانا اسان کي مٽائي نہ سگهندين.

نہ ڪي هار رهندئي نہ سينگار رهندئي،
ٽٽي دل تہ ٽاڪو لڳائي نہ سگهندين.

ڪڏهن عشق ظاهر تہ ٿيڻو آ ٿيندو،
اهو عشق شعلو لڪائي نہ سگهندين.

وڇوڙو وڃائي ڇڏيندو آ صالح،
ويل وقت واپس ورائي نہ سگهندين.

❋





ماحول ڪان ٿي باغي دنيا ٿو نئين چاهيان،
زنجير غلاميءَ جا جيئن يار سگهو لاهيان.

نہ ئي ٽوڪ هجي هتڙي نہ ئي روڪ هجي ڪائي،
محبوب هجي سامهون مان گيت پيو ڳايان.

ڪرديد هيڏي دلبر! پو عيد هوندي دلبر!
مان رقص ڪري جانان، پيو ڇير کي ڇمڪايان.

مئڪش نہ ٿين صالح! خاموش رڳو پيارا!
مان نانءُ وٺي تنهنجو، ماحول کي جهومايان.

❋

چاهہ تنهنجي ڪيو چريو آهي،
درد هن دل ۾ تو پريو آهي.

رنگ تنهنجي ۾ مان ويس رنگجي،
ماڻهو چوندا رهيا ڪريو آهي.

اچ پرين پاڻ وچ وسائي تون،
درد تنهنجو وري پريو آهي.

آ تصور سدا رهيو جنهن جو،
سو نہ صدما ڏسي وريو آهي.

ڪوڙ سيني ۾ غم رکي صالح!
تارِ سورن سندي تريو آهي.

❊





تو سوا اُجڙي ويا سينگار منهنجي ڳوٺ جا،
ڪونہ ٿو ڪوئي اُگهي اڄ نار منهنجي ڳوٺ جا.

تون پڙها ئي پيار مان مون کي وئين پيارا پٽيون،
محبتي بڻجي ويا وهنوار منهنجي ڳوٺ جا.

دل سدورا سائين تو کي ياد ٿي ڏاڍو ڪري،
تون امر آهين سدا ڪردار منهنجي ڳوٺ جا.

واهہ جو تقرير تنهنجيءَ جو اثر ظاهر ٿيو،
وئين ڪري هاري سيئي بيدار منهنجي ڳوٺ جا.

تو علم جي لاٽ ٻاري ڳوٺ کي روشن ڪيو،
روشني اڄ ٿي ويا آثار منهنجي ڳوٺ جا.

ٿو چوي صالح عباسي ياد تنهنجيءَ ۾ ملوڪ،
سڀ اُداسي ٿي ويا وهنوار منهنجي ڳوٺ جا.

❊

سدورا= سدورو عباسي منهنجو پرائمريءَ جو استاد جيڪو منهنجي ڳوٺ جو پهريون استاد هو.
ملوڪ= سگهڙن جو استاد منهنجو رهبر استاد محمد ملوڪ عباسي

چور آ پيري ٿيو مان چا ڪيان؟
دوست آ ويري ٿيو مان چا ڪيان؟

حال دل جا اورجن ڪنهن سان پلا،
ها نہ ڪو خيري ٿيو مان چا ڪيان؟

مون تہ سُڳداسي هيو جنهن ڪي چيو،
سو تہ آهي ايري ٿيو مان چا ڪيان؟

دوست جي در ڪان ڏڪارو ٿي ويم،
درد آ ڍيري ٿيو مان چا ڪيان؟

ڳالھ آهي وقت جي صالح ادا،
باز آ ڳيري ٿيو مان چا ڪيان؟

❊





ڪلڻ تنهنجو غضب جو آ،
ملڻ تنهنجو عضب جو آ.

تماچي تڙ ڏٺي تون آن،
وٺڻ تنهنجو غضب جو آ.

پتائي تو لکيو دفتر!
لکڻ تنهنجو غضب جو آ.

اکين جو تار تون صالح!
ڏسڻ تنهنجو غضب جو آ.

❊

تو لئہ مون محلات سجائي سپنن جي،
تو سان آهي ساري سچائي سپنن جي.

تون جي ايندين مون ۾ رنگ اچي ويندا،
۽ پڻ ٿيندي رنگ رچائي سپنن جي.

منهنجو وچ تون ويڙهو واسي جانيئڙا!
تو لئہ آ مون سيج سجائي سپنن جي.

روئي روئي حال وچايو آ صالح،
توکي سمجهہ ۾ ڳالهہ نہ آئي سپنن جي.

❊



رُوح جُون رڙلاڪِيون

سپ سهي سرتي ويس،
درد تنهنجا بي وفا.

ڪين ڪئي ڪنهن موڙ تي،
تو ڪڏهن مونسان وفا.

سپ فنا آهي هتي،
عشق کي بس آ بقا.

درد ڪو آئي ڪٽي،
ڳوٺ تنهنجي کان هوا.

مئڪدي ۾ مات آ،
مئڪشي آهي خفا.

هر گهٽي هر چوڪ تي،
ٿي رهي هن جي صدا.

ڪيئن صالح توکي چئي!؟
چو تہ آ منهنجي خطا.

❊

سوچ منهنجي کي سدا سرهاڻ بخشيندي وئي،
جڻ اُماوس رات کي چانڊاڻ بخشيندي وئي.

روپ هن جو ڪنهن ڪتابي ڄاڻ جو هو سلسلو،
ذهن منهنجي کي ڇُمي ڪا ڄاڻ بخشيندي وئي.

هٿ وٺي هن پنهنجي وارن ۾ جڏهن منهنجو رکيو،
مون کي ڄڻ انمول ڪا هوءَ ڪاڻ بخشيندي وئي.

ڏرتيءَ ۾ جيئن هن جي گهر پڳس صالح وڃي،
ٻُڪ پاڻيءَ جي ۾ ڄڻ مهراڻ بخشيندي وئي.

❋





روح کي راحت ملي جي تون اچين!
ساهه کي آٿت ملي جي تون اچين!

زندگي مرڪي ۽ مهڪي هر ڪلي،
سڪ پيري ساعت ملي جي تون اچين!

گل ٽڙن ۽ سنڌ سرهي ٿي پئي،
پوپٽي چاهت ملي جي تون اچين!

آءُ صالح جي اُداسي ڪر ختم،
مرڪ جي نعمت ملي جي تون اچين.

❋

تنهائي ٿي ماري آ!
سپني جي ئي سهاري آ!

پوڙهي جيجل پرديسي،
لڙڪ پئي ٿي هاري آ!

سرتي تنهنجي ويڳاڻي.
ديپ پئي ٿي ٻاري آ!

جي چاهين مونساڻ هلڻ،
جوڳي جيءَ اجاري آ!

صالح وانگر صوفي ٿي،
مَن جوڳند ٻهاري آ!

❊





ملائي تو نظر آهي،
تڏهن ڪان ڪا خبر ناهي.

لکان ٿو پيو پتو ناهي،
نظم چاهي نثر چاهي.

نہ ٿو چاڻي سگهان سائين!
تہ تو ۾ هي اثر چاهي.

ڏنوسين گهر جڏهن تنهنجو،
تہ مسجد چا مندر چاهي؟

❊

سڪن جا او ساٿي ڏکن ۾ هلي آ،
وجي ٿي حياتي ڏکن ۾ هلي آ.

وڏي وقت کان آن ڏسي يار لکندو،
اچي پاءِ جهاتي، ڏکن ۾ هلي آ!

اوهان سان ملڻ لئہ اسان جي پئي ٿي،
سڪي يار چاتي ڏکن ۾ هلي آ.

اوهان کي ڏسڻ جي رڳو آرزو ۾،
رهي دل ٿي آتي ڏکن ۾ هلي آ.

❊





من ئي من ۾ تڙپان ٿو،
پيو جيون ۾ تڙپان ٿو.

پنڌ وڏي ٿو پوڙهي ڏي،
مان جوين ۾ تڙپان ٿو.

جونِ مهينو مان هيڪل،
صحرا بن ۾ تڙپان ٿو.

دنيا پئسي پويان ۾،
مان ساجن ۾ تڙپان ٿو.

چار ۾ صالح جيئن مڇي!
مان درپن ۾ تڙپان ٿو.

❊

هڪ تہ اسان کي رسمن ماريو،
ٻيو تہ اوهان جي قسمن ماريو.

منهنجا رهبر تنهنجي پوئلڳ،
ڪي ظالم جي حڪمن ماريو.

هڪ ڏرتيءَ جو درد ٿو ماري،
ٻيو ڏئي سور غدارن ماريو.

صالح ڪي آ طاقت ڪهڙي،
دشمن ڪي آ نعرن ماريو.

❊





قيمتي آ زندگي سانڍي رکو،
هر قدم تي دوستي سانڍي رکو.

سوچ شيطاني رکي ذهنن اندر،
زاهدو! هي بندگي سانڍي رکو.

بم هڻي خودڪش ڌماڪا ٿا ڪيو،
ساهہ ۾ سڀ آدمي سانڍي رکو.

درد ڪيڏا ٻي رکو مون لئہ مگر،
پاڻ لئہ پر ڪجهہ خوشي سانڍي رکو.

ٻل ڪراڙپ ۾ ئي صالح کي ڏجو،
پر اسان لئہ عاشقي سانڍي رکو.

❊

محفل لٽي هليو وئين،
هر دل ڪَٽي هليو وئين.

ڏئي باز وانگي چوري،
جهٽ مَنُ جهٽي هليو وئين.

مطلب ڪڍي سمورا،
رستا ڪٽي هليو وئين.

مالهي تون مهڪندڙ سپ،
گلڙا پٽي هليو وئين.

صالح ڪي سور ارپي،
منهڙو مٽي هليو وئين.

❊





چڏيون ڏيهہ سارو هي سنسار ويندم،
ڏکن جا سمورا ڪنيون بار ويندم.

ڪري ياد مون کي ڪڏهن تون بہ روئندين،
ڪيون يار اهڙي تہ گفتار ويندم.

اوهان کي اوهان جو ڏئي شهر سارو،
ڪري خالي هٿڙا هليو يار ويندم.

جتان موٽي صالح عباسي نہ ايندو،
هليو هاڻ اهڙي پرين پار ويندم.

❊

ويندي عذاب ارپي،
پرلا جواب ارپي.

چوڏاري پيڙ ۾ هوءَ،
وئي گلاب ارپي.

هوءَ نيڻ وئي چُمائي،
مون کي ثواب آرپي.

صالح اکيون جهڪائي،
ويئي حساب ارپي.

❊



رَوح جُون روُلاڪِيون

رات سموري هت سار پئي جاڳي؟
ٻ هوءَ هتڙي ڏار پئي جاڳي.

مون کي جيت ڪڏهن شايد يار ملي،
چو تہ اسان جي لئہ هار پئي جاڳي.

پاڙي ۾ جهيڙو آءُ ڪري آيس،
گهر ۾ منهنجي لئہ مار پئي جاڳي.

آڏيءَ اڄ صالح هڏڪي آئي آ،
ها شايد سرتِي يار پئي جاڳي.

❊

هوءِ اسان کان رات رُسي وئي،
چڻ تہ سموري ذات رُسي وئي.

هن جي پويان آءُ لڳي پيس،
مون کان منهنجي ذات رُسي وئي.

تر جا مولا ڏس تون مون کي،
تر کان چو برسات رُسي وئي.

"صالح" کيڏي حيرت آهي،
رات بہ مون کان رات رسي وئي.

❊





آ هلي تون روح راڻا!
ڇڏ ڪٽي محبوب ماڻا!

آسماني سوچ پنهنجي،
ڪيترا آهيون اياڻا!

سڀ هتي آهن چريا بس،
پاڻ جي ناهيون سياڻا!

شهر! پنهنجي موڪلاڻي،
اڄ سڏن ٿا ڪک اباڻا!

پاڻ هون رولاڪ صالح!
ڪين پنهنجا ڪٽ تڪاڻا.

❊

آدمي وانگي پُري ٿو وقت پيي،
۽ گهڙي ۾ پيو ڇُري ٿو وقت پيي.

وقت سان گڏجي هلي ٿي زندگي،
زندگيءَ وانگي ڇُري ٿو وقت پيي.

پاڻ سان ساريون خوشيون ويو آن کٽي،
گهاءُ بڻجي اڄ ڪُري ٿو وقت پيي.

ڪنهن وڏي ڦورو جيان ٿو ڦر ڪري،
زندگي مون کان ڦري ٿو وقت پيي.

❋





جدا يار ٿي تون ڪنارا نہ ڪر!
اسان کان پري پيار پيارا نہ ڪر!

اڙي وقت ظالم اسان کان ڇني!
جدا ائين مونکان سهارا نہ ڪر!

اگر عشق چاهين ڪرڻ ٿو تہ اچ،
لڪي يار باقي اشارا نہ ڪر!

اچين ٿو تہ اچ تون اکين سامهون،
پريشان هي خواب سارا نہ ڪر!

❋

سدا عشق پنهنجي عبادت بڻايو،
نہ هن پيار کي من بغاوت بڻايو.

رکي ڪو بہ آشا تہ پوري ڪيو سا،
اڙي دوستو هيءَ عادت بڻايو.

اگر ديش لئہ جي پئي جان ڏيڻي،
ڏئي زندگي هي شهادت بڻايو.

اڙي سنڌ وارو ختم دشمني ڪيو،
نہ هي پاڻ وچ ۾ عداوت بڻايو.

❊





دل جون دعائون تو لئہ دلبر،
ساريون وفائون تو لئہ دلبر.

مان پيي تنهنجو جيون تنهنجو،
هار هي پانهون تو لئہ دلبر.

اڄ بہ دڙي تي تنها توبن،
سار صدائون تو لئہ دلبر.

ماضي آ محبوب اسان جو،
موڙ ۾ لائون تو لئہ دلبر.

"صالح" پاڻ سجائي نڪتو،
ها هي ادائون تو لئہ دلبر.

❊

مان متا آيس هلي مهمان تنهنجي ڳوٺ ۾،
سڀ ڏسي مون کي ٿيا حيران تنهنجي ڳوٺ ۾.

ڳوٺ ڳليون گهر اباڻا سڀ وساري مون ڇڏيا،
جيئن پوي توکي نه کو نقصان تنهنجي ڳوٺ ۾.

من جو مرڪز يار ڪعبو ڳوٺ تنهنجي کي مڃو!
ٿو ڏسي سجدو ڪري ايمان تنهنجي ڳوٺ ۾.

پيار تي فتوئا ڏني قاضي ته هئي قتلام جي،
عشق قاضي کي لڳو ٿي ڪانُ تنهنجي ڳوٺ ۾.

آخري آ وقت "صالح" کي سڏي پاڪر ته پاءِ!
ڪو عباسيءَ تي ٿئي احسان تنهنجي ڳوٺ ۾.

❋





"اگهاڙا پير ٽاندبن تي" متا ماتام جاري آ،
ڏنو لالاڻ هيو جو سواهو پيغام جاري آ.

ڪُٽي ئي ڪونه ٿو مولا ڇو ڌرتيءَ تان ستم هيڏو،
ويا ڪيڏا ڪُسي جوڌا اجان قتلام جاري آ.

ازل کان ئي مليو انسان کي آ موت سچ بدلي،
اهو ئي سلسلو ساڳيو اهو انجام جاري آ.

نه ٿي هيءَ رات ئي گذري، نه ٿي مون کان سَکي وسري،
پيو "صالح" پري سُرڪيون هجر جو جام جاري آ.

❋

اجان نوخيز نظرن جو مٺا منظر نہ ٿو وسري،
جهڪائي نيڻ جو ڪيو تو اُهو منتر نہ ٿو وسري.

ڇڏي پل ۾ پرين پيارا وساري مون سڄي دنيا،
مگر چهرو اجان تنهنجو پرين سُندر نہ ٿو وسري.

هٿن سان هو ٻڌائيندو! پنن مان ڪيترا پئسہ،
اهو بچپن سندو اي! يار جادوگر نہ ٿو وسري.

جدا تو کان ٿيڻ ويلي جو گذريو يار "صالح" تي،
اجان پيي ياد آ مون کي اهو محشر نہ ٿو وسري.

❊





ڀيانڪ موت جو منظر اوهان جي موڪلاڻي آ،
زبان خاموش نيڻن ۾ ويو ڀرجي تہ پاڻي آ.

وڃي سمجهي پئي سڀ ڪجھ نہ ٿي پر پيار هو اڀي،
نٽائي ٿي وڃي شايد وڏي سرتي سياڻي آ.

ڪُهين ڇو ٿو ڪري ڪاري ڏيائين سِرُ ڪٽي بابا،
جهڪائي ڀيءُ آڏو سِرُ ڇيو نياڻي نماڻي آ.

اڪيلي ڪيترو "صالح"! ڀلا ويهي سنڌوءَ ڪپ تي،
اچانڪ شام ڏاري ڪونج هيڪل هو اڏاڻي آ.

❊

اڄ رات نئين جانان،
ڪئي بات نئين جانان.

نيڻن مان پئي برسي،
برسات نئين جانان.

تي مون وٽ روز اچي،
ڪا ڏات نئين جانا.

چانڊوڪي وئي ارپي،
جذبات نئين جانا.

صالح ڪي مارڻ لئه،
ڏي مات نئين جانا.

❋





تو بن نراس آهيان،
ڏاڍو اداس آهيان.

رُخ روشني آ منهنجو،
مَنَ ۾ اماس آهيان.

بازر ۾ بي ملهو ڇڻ،
سئو ڪو ڪراس آهيان.

نيڻن ۾ آهي صحرا،
تر جي پياس آهيان.

پل عام مون کي سمجهو،
ڪنهن لئه تہ خاص آهيان.

ڏي درد سوچي جاني،
تورو حساس آهيان.

❋

اسان لئہ تہ ڪعبو پرين گهر اوهانجو،
ڇڏيون ڪيئن سهڻا سڄڻ در اوهانجو.

اسان جون نمازون ۽ سجدا اوهان لئہ،
اسان لاءِ قبلو سچو تر اوهانجو.

ذهن ۾ ۽ دل ۾ رهين ٿو سدا تون،
رهي ٿو سچو ڏينهن تصور اوهانجو.

ڏني آهي فتويٰ زماني ڪفر جي،
سڏي لوڪ صالح ٿو ڪافر اوهانجو.

❊





جڏهن ڪان رکي ٿي صنم بي رُخي،
تڏهن ڪان وئي آ رُسي زندگي.

منجهند ويل مرڪي لنگهي باغ مان،
اچي وئي گلن ۾ سَڪي تازگي.

جڏهن پاڻ سان تو ڪئي گفتگو،
ڏسي توکي مُرڪي پئي آ رسي.

جڏهن عشق توکي ڏنو روبرو،
تڏهن ڪان اسان تي لٿي شاعري.

جڏهن سِرُ عباسي جهڪيو تو اڳيان،
تہ پوري وئي ٿي سچي بندگي.

❊

لڙڪن لارون لاڙي ويتو،
توکي کوئي ساري ويتو.

واريءَ تي هو نالو تنهنجو،
لکندي دل تي اتاري ويتو.

پنهنجو ڳوٺ ڇڏي تو لئه هو،
آهي تنهنجي پاڙي ويتو.

هير نه هاڻي شور ڪجان تون،
ڏيئا آهيان ٻاري ويتو.

صالح ڪاڏي واپس ويندو،
ساريون ڪشتيون ساڙي ويتو.

❊





جلدي ڪر تون موٽ پٽائي!
تو وٽ ناهي ڪوٽ پٽائي!

ظالم آهن زور وٺي ويا،
مڙس ڪُهن ٿا گهوٽ پٽائي.

تنبوري جي تار ٽٽي ٿئي،
ايڏي سَهندين چوٽ پٽائي.

عالم فاضل فرد وڪاڻا،
دين ڪسي ويا نوٽ پٽائي.

انڌن ٻوڙن ڏاڍ تي صالح!
زوري ورتا ووٽ پٽائي.

❊

شيطان ٿو لڄي ٿئي انسان ڪي ڏسي،
حيوان ٿو لڄي ٿئي انسان ڪي ڏسي.

ظالم جو روپ ڌاري ماڻهون پيا ڦرن،
پڳوان ٿو لڄي ٿئي انسان ڪي ڏسي.

بي ڏوهہ ڪيترا ٿا منصف هٿان مرن،
زندان ٿو لڄي ٿئي انسان ڪي ڏسي.

ها ڪوڙ جو وڏو هت وهنوار ٿو هلي،
ايمان ٿو لڄي ٿئي انسان ڪي ڏسي.

❊





مٿا تون جي روئندي سوين جيءَ جهرندا،
پيا لڙڪ نيڻن منجهان يار ڪرندا.

اسان ڪان پري جي ڪندين پاڻ ڪي تون،
مري يار ويندس نہ هي ساهہ رهندا.

هليو هيڪلو تون ڇڏيون وچ نہ مونکي،
وڇڻ جو هي ماڻهون سبب مونکان پڇندا.

سدا سنڌ سُرهئي رهي ساري صالح!
دعائون خدا در هي مارو پيا گهرندا.

❊

تو بنان زندگي آ اڌوري صنم،
ائين مون کان نہ ڪر تون تہ دوري صنم.

تو سوا ڏينهن هڪڙو بہ گذري نہ ٿو،
ڪيئن گذري حياتي هي پوري صنم.

يار ڪيئن ٻي ڪري مون سان جلدي ملو،
چو تہ هاڻي ملڻ آ ضروري صنم.

آخري التجا ٿو هي صالح ڪري،
هڪ گهڙي نانءُ ڪيو آ ضروري صنم.

❊





تو بن منهنجون ڪهڙيون عيدون،
ترسي ويون هن تو لئہ ديدون.

تو ڪان دور ٻيلا او! ساجن،
ڇا جون خوشيون ۾ هي خريدون.

هر هر ٿي قتلام وچانتو،
يار ڪٽين ٿو هر هر ديدون.

صالح ٻيار حقيقت پنهنجو،
لوڪ ڪري ٻل جان تنقيدون.

❊

خـوابـن جـي تـعـبـيـر ڪـٺـي آ،
سـاپـيـان جـي تـصـويـر ڪـٺـي آ.

لوڪ چـوي جـيـئـن تـوڪـي شـاعـر،
جـذبـن جـي تـصـويـر ڪـٺـي آ.

هـاڻ سڳـيءَ سـان ويـڙهـي ڇـڏ يـا،
زلـفـن جـي زنـجـيـر ڪـٺـي آ.

سـارا سـپـنـا ٻـوڙي جـيـڪـي،
اهـڙي ڪـا ٻـ نـ سـيـر ڪـٺـي آ.

صـالـح سـان گڏ پـوڙهـي ٿـيـن شـل،
هـا اهـڙي تـقـديـر ڪـٺـي آ.

❊





پـهـريـان پـيـار ڪـري اظـهـار ڪـري،
هـاڻـي ڇـا لـئـ ويـتـيـن ڏار ڪـري.

پـهـريـان پـيـار ڏئـي پـو نـاتـو ڇـنـئـي،
وئـيـن مـون لـئـ تـون آزار ڪـري.

هـاڻـي مِـلُ تـ اڇـي وڃـان يـار بـڇـي،
متان موت نـ مون تي ڪو وار ڪـري.

غـلـطـي ٿـي صـالـح مـون ڪـان هـيءَ وئـي،
ويـتـس تـو سـان هـا پـيـار ڪـري.

❊

هيءُ غزل ڇند ۽ عروض جي ميل وارو غزل آهي، ڇند ۾ وزن اٿس.
18+18= 36 ماترا، ڪسمستوڪ ڇند
عروض ۾ وزن اٿس، فعلن فعلن فعلن فعلن بحر تقارب عشره سالم

ڪڏهن پيي اسان ڪي وساري نہ سگھندين،
پرين نانءُ منهنجو پڪاري نہ سگھندين.

ڪڏهن اوچتو جي اچي ويندين سامهون،
ڪٽي اک اسان ڏي نهاري نہ سگھندين.

اسان ڪان پو پيارا پيا هٿ ڏڪندئي،
ڪڏهن ڪو بہ ها ديپ ٻاري نہ سگھندي.

وڃان ٿو چئين ٿو مگر ياد رکجان،
رهي ڏار مون ڪان گذاري نہ سگھندين.

❊





اچا ٿي وار ويا سڪ ۾ سڄڻ ڏاڍو سڪايو ٿي،
ڪڏهن ايندين الائي تون نہ نياپو ڪو مڃايو ٿي.

ويا ويران ٿي پڪڙا سڄڻ توڪي سنڀاريندي،
الائي ڳوٺ ڇو پنهنجو پرين پيارا ڀلايو ٿي.

بندا ڪيڏا گندا آهيون نہ مٽ تنهنجي سڄڻ سهڻا،
نوازش ڪر غريبن تي خدا ڪيڏو وڏايو ٿي.

پرين صالح جي گهر ڪان جي گذر تنهنجو ڪڏهن بي ٿئي،
اسان پنهنجو پرين گهر هي سچو تو لئہ سجايو ٿي.

❊

خوشبو خوشبو آ تہ منهنجو،
ڇو تہ اڇي ٿو دلبر منهنجو.

تو بن ساجن آ اُٽپورو،
سارو آڳر ۽ گهر منهنجو.

تنهنجي ياد اچي ڪڙڪايو،
دل جي گهر جو آ در منهنجو.

منهنجو رهبر سن جو سائين،
آهي سنڌو مقدر منهنجو.

صالح موهن مڪلي منهنجو،
ڪوٽ ڏيجي ۾ منڇر منهنجو.

❁





دلبر تنهنجي پاسي آيس،
خوشبو ساهہ ۾ واسي آيس.

جلدي تون محبوب ملي وڃ،
لال تي باسون باسي آيس.

ٿورو ئي پر پيار تہ ڏين ها،
آنءُ مهيني ماسي آيس.

ڇا تو ڪيو محسوس اسان کي،
رات اوهان جي پاسي آيس.

❁

ڪجھ ڪرڻ جي جستجو رهجي وئي،
اوچتو هي زندگي گذري وئي،

ڪين حاصل پيار تنهنجو ٿي سگهيو،
آس اڌپوري رهي وڪري وئي.

پيار تي پهرا ڏسي گهر مان تڏهن،
هوءَ بهادر ڇوڪري نڪري وئي.

مون اڪين سان پيار هن ڏي پئي مُڪو،
ڳالھ صالح هوءَ ٻي سمجهي وئي.

❊





تڙپ وئي آ وڏي آءُ جلدي سَڪي،
تون نہ آئين تہ ويندي ڪٽي زندگي.

آدمي موسمي گل جينئان ٿا رهن،
ٿي انهن ۾ رهي عارضي تازگي.

لوڪ ڀل جان رُسي ڪو اثر ڪونہ آ،
دور مون کان مگر تون نہ وڃجان مٺي.

درد سان گڏ رهو يار صالح سدا،
ڇو تہ رهندي اٿو هيءَ خوشي عارضي.

❊

جيون هيڪل گذري ڪيسين،
پيار اوهان جو وسري ڪيسين.

نيث تہ مالهي مُرڪ ڪسيندين،
گلشن ۾ گل نڪري ڪيسين.

ڪيئن چوان مان جلدي ايندس،
پنڌ اٹانگو نبري ڪيسين.

پاڻ پيو ٿو روز سجائي،
تولئہ ڏس تون سنبري ڪيسين.

جلدي جاني هاڻ هلي آ،
صالح جو پن وڪري ڪيسين.

❊





خوبصورت سار جهڙي چوڪري،
۽ گلن جي هار جهڙي چوڪري.

مارئيءَ جي سونهن مون کي ٿي لڳي،
اڻ مُلهي ڪردار جهڙي چوڪري.

پيار هن جو ويجهڙو آهي گهٹو،
پر پراهين پار جهڙي چوڪري.

قيمتي آ ايتري صالح سَڪي،
سُرُ مئي آثار جهڙي چوڪري.

❊

عمر ساري هُنَ ڪئي آ بندگي،
آدمي ڳولي ٿڪو آ زندگي.

درد ئي بس درد آ مون کي مليو،
بس اِهو ئي ڇا ڏنو پيو دوستي.

منهنجي جيون جي بقا آهي رهي،
دوستو بس شاعري ئي شاعري.

وقت سارو پيار لئہ جنهن کي ڏنو،
تنهن اسان سان ئي ڪئي آ دشمني.

ڪين صالح ڪنهن سڏي پاڪر وڌو،
مطلبي هر ڪو هتان جو آدمي.

❊





# وايون



هوءَ ڪير اڇي بيٺي،
رولاڪ جي رستن ۾.

ويندي ويندي سرتي،
مون کي تہ ڏسي بيٺي،
رولاڪ جي رستن ۾.

آواز هوائن ۾،
هوءَ نيٺ پڌي بيٺي،
رولاڪ جي رستن ۾.

آ پيار يا پاڳل پن،
گهر مان هوءَ هلي بيٺي،
رولاڪ جي رستن ۾.

❊





برساتون برسيون،
چورين چال ڏنا.

سارو ڏينهن هتي،
ڪڪريون پيي ترسيون،
چورين چال ڏنا.

موتي آيون هن،
يادن جون ورسيون،
چورين چال ڏنا.

صالح جيئن ٿيون،
محبت ۾ سرسيون،
چورين چال ڏنا.

❊

رات سموري پئي،
تانڊاٽو تمڪيو،
زيتونن جي باغ ۾.

سورج جو پھريون،
ڪرڻو ھو چمڪيو،
زيتونن جي باغ ۾.

آڏيءَ ويل اچي،
ڪير پئي ٽھڪيو،
زيتونن جي باغ ۾.

منھنجي ويجھو ھو،
نيڻ ڪٽي مرڪيو،
زيتونن جي باغ ۾.

❉





ويٺو نيڻ جلائي،
خالي ڪمري ۾.

اونداھيءَ جي اندر،
ويٺو پاڻ جلائي،
خالي ڪمري ۾.

آئيني جي ويجھو،
ويٺو پاڻ سجائي،
خالي ڪمري ۾.

صالح يادن آ وڙو،
ھا ڏاڍو الجھائي،
خالي ڪمري ۾.

❉

اکڙيون بند ڪري،
چاهہ چمائي ٿي وڃي.

منهنجي ساهن ۾،
خوشبو هوءَ ڀري،
چاهہ چمائي ٿي وڃي.

محفل ۾ مُرڪي،
مونڌي ڏيان ڏري،
چاهہ چمائي ٿي وڃي.

پاگل او صالح،
تو بن ڪيئن سَري،
چاهہ چمائي ٿي وڃي.

❊





نيڻن ۾ وڪريل،
ويٺو آدمي،
سپنا ميڙي ٿو.

بچپن کان پوڙهپ،
پوري زندگي،
سپنا ميڙي ٿو.

اُلجهن ۾ اڙيل،
کهڙي بندگي،
سپنا ميڙي ٿو.

صالح چنڊ ڪري،
بيٺو چاندني،
سپنا ميڙي ٿو.

❊

اونــدهـ ســارو تــر،
روشــن تــهــنجــو گــهــر.

ڪينجهر منجهہ ڪنول،
اهــڙو ئـــي سُـــنــدر،
روشــن تــنــهــنجــو گــهــر.

جــيــڪــو مَــنُ مــوهــي،
اهــڙو ئـــي مـــنــظــر،
روشــن تــنــهــنجــو گــهــر.

ســهـــڻـــو آ ايـــڏو،
جـــيـــڏو اچـــڙو ٿـــر،
روشــن تــنــهــنجــو گــهــر.

پُـــوڄـــاري صـــالـــح،
مــنــهــنجي لـئہ مــنــدر،
روشــن تــنــهــنجــو گــهــر.

❊





تــنــهــنجي ٻَــل جــو ســانــوري،
مــوهــيــڙو مــنُ مــوهــي ويــو.

تــو ســان هــن جــو پــيــار آ،
تــو ســان ئــي بــس دوســتــي،
مــوهــيــڙو مــن مــوهــي ويــو.

جنهن لئہ سڪندو هان سدا،
تــنــهــنجــو سوئــي ٻَــل چُــمــي،
مــوهــيــڙو مــن مــوهــي ويــو.

صــالــح سُــنــدر آ گــهــڻــي،
مــوهــيــڙي جــي عــاشــقــي،
مــوهــيــڙو مــن مــوهــي ويــو.

❊

ڪيترو ويا هن وٽي،
پير تنهنجا پدمٽي.

ها اسان جي ويجهڙو،
توکي ايندا هن کٽي،
پير تنهنجا پدمٽي.

هن اکين جو تار ۾،
دل اسان جي جا ڏٽي،
پير تنهنجا پدمٽي.

واهه جو محبوب هن،
ڇير کي وياهن وٽي،
پير تنهنجا پدمٽي.

❊





بارش برسي منظر مرڪيا،
رات اسان وٽ هوءَ جو ترسي.
منظر مرڪيا.

ٿي جيئن منهنجي قسمت سرسي،
منظر مرڪيا.

دل جي ٿر تي پيار پيو برسي،
منظر مرڪيا.

❊

هو راڻو ٿو ڳائي،
سنڌوءَ جي ڪپ تي.

هي ڪير اچي مونکي،
اچ ويو آ جهومائي،
سنڌوءَ جي ڪپ تي.

هوءَ پار پراهين ڪان،
چو ليئا ٿي پائي،
سنڌوءَ جي ڪپ تي.

اچ سهڻي اچڻي آ،
ميهار ٿو واجهائي،
سنڌوءَ جي ڪپ تي.

اچ اُٿ تہ اچون صالح،
جيون کي مهڪائي،
سنڌوءَ جي ڪپ تي.

❊





# نظم



# رولاڪ

ڪـهـڙو رســتـو راهــ اســانـجـي،
ڪــاٺــي نــاهـي واهــ اســانـجـي،
پـنـهـنـجـو اڻ ڪـٿ پـنـڌ نـ ڪـٿـنـدو،
هـر هـڪ واٽ تـي پـنـهـنـجـو پـيـرو،
ڪـيــن اســانــجـو ڪــاٺــي ديـرو،
رولاڪــي تــقــديـر بــڻــيــل آ،
مــونســان گــڏ آ رســتــو رُلــنــدو،
چــڻ ڪــوئــي آ ســپــنــو رُلــنــدو،
چــو تــ اســان وٽ جــاڳ رهــي ٿــي،
مــوهــن ۾ چــڻ آءُ رهــان ٿــو،
ءِ مـوهـن آهـي مـنـهـنـجـي مـن ۾،
مـڪـلـيءَ ۾ پـي مـنـهـنـجـو پـيـرو،
ٿـر جـو گـهـر مـنـهـنـجـو ديـرو،
پــٽ جــو شــاهــ اســان جــي دل ۾،
ڪــيــن مــزو آ ايــنــدو هُــلَ ۾،





هـيـڪـل هـيـڪـل صـحـرا جـهـاڳـي،
ٿــڪـجـي مــوٽــي ايــنـدو آهــيــان،
مــاٽــهــو هــن رولاڪ ســڏيــنــدا،
مـنـهـنـجـي رولاڪـيءَ جـو مـقـصـد،
تــون ئــي ســاجــن تــون ئــي تــون بــس،
وســتــي وســتــي واهــڻ واهــڻ،
تــون ئــي ســاجــن تــون ئــي تــون بــس،
رســتــي رســتــي تــنــهــنــجــو پــاڇــو،
ٿــر پــي تــون ئــي تــون ئــي ڪــاڇــو،
مــنــهــنــجــي انــدر ٻــاهــر تــون ئــي،
ڪـيـنـجـهـر ڪـان ڪـارونـجـهـر تـون ئـي،
مـنـهـنـجـي لـئـ هـر مـنـظـر تـون ئـي،
مـنـهـنـجـي رولاڪـيءَ جـو مـقـصـد،
تــون ئــي ســاجــن تــون ئــي تــون بــس،
تــون ئــي ســاجــن تــون ئــي تــون بــس.

❊

راتِ دڙي تـــي چـــانـــڊوڪـــيءَ ۾،
ويـــنـــگـــس ڪـــولـــي وار نـــچـــي ٿـــي،
چـــڻ تـــہ ســـمـــبـــارا مـــوتـــي آهـــي،
پـــنـــهـــنـــجـــي مـــوهـــن مـــاڳ دڙي تـــي،
مـــوهـــن جـــي ٿـــي مـــٽـــي مـــهـــڪـــي،
اســـتـــوپـــا ٿـــو چـــمـــڪـــي چـــمـــڪـــي،
هـــن ســـان گـــڏ چـــڻ چـــنـــڊ نـــچـــي ٿـــو،
مـــنـــدر ۾ چـــڻ گـــهـــنـــڊ وڄـــي ٿـــو،
پـــوڄـــاري پـــرســـاد ڪـــٽـــي ٿـــو،
منهنجي هٿ تي جيئن رکي ٿو،
چـــرڪ پـــري ٿـــو جـــاڳـــي پـــوان مـــان،
چـــرڪ پـــري ٿـــو جـــاڳـــي پـــوان مـــان.

❊




رُوح جُون روُلاڪِيون

آءُ اســـان لـــئـــہ او ســـاجـــن تـــون،
ڏرتـــيءَ جـــيـــڏو پـــيـــار ڪـــٽـــي آ،
ســـونـــهـــن ســـنـــدو ســـنـــســـار ڪـــٽـــي آ،
نـــيـــنـــهـــن ڪـــري نـــروار ڪـــٽـــي آ،
آءُ اســـان لـــئـــہ او ســـاجـــن تـــون.
ســـنـــدر ســـنـــدر خـــواب ڪـــٽـــي آ،
چـــنـــڊ ڪـــتـــيـــون ۽ گـــلاب ڪـــٽـــي آ،
پَـــرَ ائـــيـــن تـــون نـــہ حـــجـــاب ڪـــٽـــي آ،
ڪـــجـــهـــہ تـــہ اســـان لـــئـــہ ثـــواب ڪـــٽـــي آ،
آءُ اســـان لـــئـــہ او ســـاجـــن تـــون.
جـــيـــون مـــنـــجـــهـــہ بـــهـــار ڪـــٽـــي آ،
آڳ ڪـــري گـــلـــزار ڪـــٽـــي آ،
جـــوڀـــن بـــاغ بـــهـــار ڪـــٽـــي آ،
خوشبو ٿي جيئن منهنجو تن من،
اهـــڙي ڪـــا مـــهـــڪـــار ڪـــٽـــي آ،
ڪـــجـــهـــہ تـــہ مـــتـــا مـــنـــتـــار ڪـــٽـــي آ،
آءُ اســـان لـــئـــہ او ســـاجـــن تـــون،
ڏرتـــي جـــيـــڏو پـــيـــار ڪـــٽـــي آ.

❊

موهن جي دڙي پرسان،
هڪ شخص سچاجهو هو،
جڻ موهن جو ماڻهو،
موٽي ڪو آيو هو،
جيئن ناءُ سدورو هيس،
اهڙو ئي سدورو هو،
ٻچپن ۾ يتيميءَ جا،
هن ڏور بہ گهاريا ها،
پر پيار پڙهائيءَ سان،
هن جو هو رهيو گهرو،
هن پنڌ ڪيا ايڏا،
جو پير ڦٽي پهتو،
پر پوءِ بہ ٿڪو نہ ڪڏهن،
هلندو ئي رهيو هيڪل،
هن عشق الستي هو،
پاليو پنهنجي من ۾،





مزدور جو ساٿي هو،
هاريءَ جو هڏ ڏوکي،
استاد بہ نيت بڻيو،
۽ ساٿ ڪتابن سان
ٻارن سان رهيو هن جو،
"سوڀي" سان ساٿ رکي،
تحريڪ هلائي هُنَ،
جڻ لاٽ جلائي هُنَ،
اڄ بہ خوشبو وانگي،
ساهن ۾ سمايل آ،
۽ اڄ بہ ونّي هن جي،
پئي راهہ نهاري ٿي،
۽ هن کي سنڀاري ٿي،
پئي روز پڪاري ٿي،
۽ لڙڪ بہ هاري ٿي،
۽ لڙڪ بہ هاري ٿي.

*

- استاد سدورو عباسي لاءِ جنهن ا.ب.پ کان وٺي تحرير تقرير جو فن سيکاريو

مَنَ جي آڱُرَ تي اڄ مرڪي،
سرتي تنهنجي سار لڳي آ،
مون لئہ ڪٺي اڄ پيار لڳي آ،
ڏات وري اڄ ڏار لڳي آ،
منهنجو اندر خوشبو خوشبو،
مهڪي ٿو ڪنهن مند روانگي،
آءُ لڳان ٿو سڪندر وانگي،
دل ۾ چڙ تہ بهار لڳي آ،
سرتي تنهنجي سار لڳي آ،
سرتي تنهنجي سار لڳي آ.

❊





نہ ڪائي روشني ڪاٿي،
انڌيرو چؤ ڏسا منهنجي،
اُداسي جو سبب ٻڻجي،
پيو ٿو روح کي رولي،
نوان پيو در در ٿو کولي،
اسان اُنَ درد ۾ ساري،
ڪٽيون ٿا رات هي ڪاري،
اُڏائي ننڊ نيڻن مان،
اکين جي لام ٿي هيڪل،
اکين کان ننڊ ٿي اوجهل،
پريڻ جي ياد آ ڏيءَ جو،
پري ٿي مَنَ اندر سڏڪا،
پون جاڳي پيا صدما،
ڪٺي ٿو نيڻ واجهايان،
ڏسان آڪاش ڏي ٿو مان،
ستارن جي چمڪ ڏاڍو،
ستائي ٿي اسان کي پئي،
ٿڌي اڄ هير آندي آ،
اوهانجي ياد سُرمي جان،
اکين ۾ اوتجي وئي آ،
چڙهيو آهي خمارن جو،
نشو جو نيهن آڇو آ،
اسان جو من نندڙاکو آ،
اسان جو من نندڙاکو آ.

❊

# بچپن

بـچـپـن بـاڪ جـيـئـان هـونـدو آ،
هر ڪـو جنهن سان پيار ڪندو آ،
بـچـپـن بـاڪ جـيـئـان هـونـدو آ،
سُـرنـدي جـي سُـرَ وانـگـي آهـي،
تـنـبـوري جـي تـار جـيـئـان آ،
گـلڙن جي مـهـڪـار جـيـئـان آ،
ويـنـگـس جي سـيـنـگـار جيـئـان آ،
پـوتـر پـوتـر پـيـار جـيـئـان آ،
جـنـهـن وٽ نـفـرت مـور نـہ آهـي،
لالـچ ڪـان پـي دور رهـي ٿـو،
اُج ۾ بـڪ تـي روئـي ڏئـي ٿـو،
روئـڻ سـان هـو چـاهـہ رکـي ٿـو،
خـوشـبـوءَ جـهـڙا سـاهـہ رکـي ٿـو،
انـدر ٻـاهـر هـڪـجـهـڙو هـو،
نـاهـي پـر ولـي لـڪ جـهـڙو هـو،
آڳـر جـو سـيـنـگـار لڳـي ٿـو،
مـاضـيءَ جـو ڪـردار لڳـي ٿـو،
هـن سـان گـڏجـي مـن مـرڪـي ٿـو،
جـڻ تـہ سـچـو جـيـون مـرڪـي ٿـو،
وقـت اُهـو سُـنـدر هـونـدو آ،
سـهـڻـو هـر مـنـظـر هـونـدو آ،
پـوتـر سـاڪ جـيـان هـونـدو آ،
بـچـپـن بـاڪ جـيـئـان هـونـدو،
بـچـپـن بـاڪ جـيـان هـونـدو آ.

❊





# گـيـت



رات رنو ڪو نماڻو ماڻهو،
تنهاهي ويڳاڻو ماڻهو.

سُڏڪي سُڏڪي لُڙڪ لڙن ٿا،
تڙپي تڙپي پل گذرن ٿا،
روئي ٿيو آ ساڻو ماڻهو.

روز ڪُسي ٿو روز مري ٿو،
روز اندر ۾ پيو تڙپي ٿو،
سورن لئه ساماڻو ماڻهو.

هُن جي آڏو سِرُ بہ جهڪايو،
هن ڪي دل جو حال ٻڌايو،
صالح پر نہ اگهاڻو ماڻهو.

❊





پرين باغ دل جو اجاڙيون هليو وئين،
اسان کي او منڙا تون ماريون هليو وئين.

سکي هي صدين کان ڪيئي سال ٿي ويا،
سواءِ تنهنجي سهڻا هيڻان حال ٿي ويا،
اسان کي سفا تون وساريون هليو وئين.

اسان جي تہ دل ۾ سدا تون ئي رهندين،
مگر مون کي تون پيي وساري نہ سگهندين،
پٽي لڙڪ هاري نهاريون هليو

ڪڏهن تو کي "صالح" وساري نہ سگهبو،
وڻي ناءُ تنهنجو پيو تو کي سڏبو،
مگر يار واعدو وساريون هليو وئين.

❊

سنڌڙيءَ جو نقشو نروار آ ٽوپي،
سهڻو هي اجرڪ سينگار آ ٽوپي.

ساوا ساڳ سدا سهڻيون پيون چاڙهن،
شاديءَ ايندي ئي ڪنواريون شرمائن،
گهوٽن جو سهڻو سينگار آ ٽوپي.

ٽوپيءَ تي ڪيڏا ڪاوا سونهن ٿا،
ريشم ۾ ساوا ڌاڳا سونهن ٿا،
ڇو نہ سمورو جڳ سنسار آ ٽوپي.

هر هڪ سِرَ تي مان ٽوپي شال ڏسان،
مُرڪي صالح تن مارن سان تہ ملان،
پيار سندو جڳ کو اظهار آ ٽوپي.

❋





منهنجو تون منٺار آن سائين!
اکڙين جو تون ٺار آن سائين!

ٿر جو سهڻو گهر گهر تون آن،
ڪشمور ۽ ڪارونجهر تون آن،
سُونهن سندو سنسار آن سائين!

لاڙ بہ تون آن پار بہ تون آن،
منڇر ۽ جروار بہ تون آن،
ڪاڇي جو سينگار آن سائين!

مسجد تون ئي مندر تون ئي،
ڪاڇو ۽ المنظر تون ئي،
گلڙن جو تون هار آن سائين!

منهنجي ساري ذات بہ تون آن،
ڏينهن بہ تون ۽ رات بہ تون آن،
دوست دلي دلدار آن سائين!

❋

جيڪو سانگين سورَ گهٽائي،
ڏرتيءَلئہ جو ننڍ ڦٽائي،
سوئي قومي هيرو آهي.

جيڪو ڌرتي ماءُ جو ناهي،
سوئي منهنجو پاءُ بہ ناهي،
هوشو وانگي ناءُ ڪمائي،
سوئي قومي هيرو آهي.

جيڪو هاري هرڙو هلائي،
سونا سهڻا سنگ پچائي،
ڪوڏر جيڪو ڪُلهي سان لائي،
سوئي قومي هيرو آهي.

جيڪو قومي گيت لکي ٿو،
صالح سو جڻ جيت لکي ٿو،
گيت اُهي فنڪار جو ڳائي،
سوئي قومي هيرو آهي،
سوئي قومي هيرو آهي.

❊





چگڙو يار جاني اٿي موڪلاڻي،
لڳي ٿو اسان جي هتي آ پڄاڻي.

اوهان جي تہ در تي وري ڪين ايندس،
لکي لوڪ کان آءُ سڏڪا ڀريندس،
پکي نيٺ ٿيندي روئي دل اياڻي.

اسان ڪيترو توکي پائڻ گهريوسي،
اوهان کي اکين ۾ لڪائڻ گهريوسي،
مگر هيءَ حسرت اڌوري ڪهاڻي.

اکين ۾ اچي لڙڪ ويا يار صالح،
وري ياد تنهنجا پيا پيار صالح،
پڙهي ڏائري جيئن کولي پراڻي.

❊